www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) جمعو 03 آڪٽوبر 2025ع بمطابق 09 ربيع الثاني 1447هه (شمارو 353) قيمت 20 روپيا

پاڪستان ۽ چين مضبوط پائر آهن ٻنهي جو مستقبل هڪ ٻئي سان واڳيل آهي: صدر آصف علي زرداري

اسان جي جاگرافيائي بيهڪ گڏيل مفاد تي ٻڌل لاڳاپن جي حوالي سان اهميت رکندڙ آهي، ايندڙ نسلن کي باور ڪرائڻو آهي ته پنهنجي وسيلن جي بهتر استعمال سان پائيداري حاصل ڪري سگهون ٿا

پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ تعاون ۽ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن، پاڻي جي انتظام، آفتن جي روڪٿام ۽ جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جو فروغ وقت جي گهرج آهي

پاڻي جي بچت ۽ موثر استعمال جي لاءِ آبپاشي جي جديد طريقن کي اختيار ڪرڻو پوندو، زرعي شعبي ۾ پاڻيرو ٽيٽو آهي ته جيئن پنهنجي مستقبل کي محفوظ بڻائي سگهون

زرعي شعبي ۾ چين جي تجربن مان فائدو وٺنداسين. صدر چيو ته ترقي سڀني جو حق آهي، چين سان اسان جو تعاون هاڻي خلا تائين پهچي چڪو آهي

اسان پرامن گڏيل بقاءَ تي يقين رکون ٿا، هاڻي جنگين جو نه معاشي ترقي جو سوچڻو پوندو، اسان هر طرح جي حالتن ۾ چين سان گڏ بيٺل آهيون. سڀني کي هڪ ٻئي جي خودمختياري جو احترام ڪرڻو پوندو

چين جو مستقبل روشن آهي، يورو ايران سان گڏجي ڪم ڪندو، چين جا منهنجا دورا سدائين خيرسگالي جي لاءِ هوندا آهن. چين جي معيشت مضبوط ٿي جنهن جي ڪري عوام وڌيڪ خوشحال، مطمئن ۽ خوش آهي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان ۽ چين مضبوط پائر آهن جن جو مستقبل هڪ ٻئي سان واڳيل آهي، پاڪستان سدائين چين جي موقف جي حمايت ۽ تائيد ڪئي آهي، چين ٽيڪنالاجي ۾ جدت ۽ محنت جي زور تي دنيا ۾ جڳهه ناهي آهي، پاڪستان ۽ چين عملي طور تي هڪ ٻئي جا حصيدار آهن. چين جي ٽي وي "سي جي ٽي اين" جي پروگرام ورلڊ ٽوڊي کي خصوصي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

وڏي وزير مراد علي شاهه سان عالمي بينڪ وفد جي ملاقات، مختلف تجويزون پيش

اجلاس ۾ ڳوٺاڻن علائقن ۾ پاڻي، صفائي ۽ صحت (WASH)سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ ٻارن ۾ غذائي کوٽ سبب قد ۾ واڌ گهٽجڻ لاءِ تجويز منصوبي جو جائزو ورتو ويو

وڏي وزير ۽ عالمي بئنڪ جي وفد زور ڏنو ته محفوظ پاڻي ۽ صفائي تائين رسائي ٻارن ۾ اسٽنٽنگ جي شرح سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهي تنهن ڪري رڳو انفراسٽرڪچر ناهڻ بدران پائيدار خدمتي ماڊل اختيار ڪرڻ ضروري آهي

منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ 20 لک کان وڌيڪ ماڻهن کي فائدو پهچايو ويندو ۽ ٻئي مرحلي ۾ باقي آبادي تائين وسعت ڏني ويندي:عالمي بينڪ وفد

سنڌ پيپلز هائوسنگ فائونڊيشن (SPHF)جي WASH پروگرام سان به انضمام ڪري پاڻي ۽ صفائي جي فراهمي کي مربوط ڪيو ويندو

وڏن ڳوٺن (300 کان وڌيڪ گهرن وارا) کي پائپ لائين نيٽ ورڪ، اوور هيڊ ٽينڪ، ڊيسنٽرلائيزڊ گندگي پاڻي جي صفائي جا پلانٽ ۽ پروفيشنل يوٽيلٽي ڪمپنين يا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي O&M فراهم ڪيو ويندو

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ عالمي بئنڪ جي وفد سان اتفاق ڪيو ته اينڊ مشن نومبر 2025ع ۾ ٿيندو جنهن ۾ وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ منصوبي کي حتمي شڪل ڏني ويندي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ عالمي بئنڪ جي وفد سان هڪ اهم اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن جي اڳواڻي ڪنٽري ڊائريڪٽر مس بولورما آمگابازار ڪئي اجلاس ۾ ڳوٺاڻن علائقن ۾ پاڻي، صفائي ۽ صحت (WASH)سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ ٻارن ۾ غذائي کوٽ سبب قد ۾ واڌ گهٽجڻ لاءِ تجويز ڪيل سنڌ ٽرانسفارميشنل /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 01

ڪراچي:وڏي وزير مراد علي شاهه سان عالمي بينڪ جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

شڪارپور چاپو، جعلي ياڻ ۽ زرعي دوائون، خام مال ۽ هزارين ٻوريون هٿ

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وڏي ڪارروائي ڪندي ٿاڻي سلطان ڪوٽ جي حدن ۾ واقع هڪ نجي فيڪٽري تي زراعت کاتي ۽ پوليس جي آفيسرن سان گڏ چاپو هڻيو ذريعن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊيٽا تي اسان کي اعتراض آهن: راڻا ثناءَالله

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جي سياسي معاملن واري صلاحڪار راڻا ثناءالله چيو آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊيٽا تي اسان کي سخت اعتراض آهن. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ايمان مزاري خلاف توهين عدالت ڪيس، ٻڌڻ جوڳي آهي يا نه، فيصلو محفوظ

جسٽس محسن اختر ڪياني ايمان مزاري خلاف توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ايمان مزاري راولپنڊي جي ٽرائل ڪورٽ بابت ڳالهايو هو: درخواست گذار

اسلام آباد: (بيورو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٽرائل ڪورٽس جي ججن سان منسوب بيان تي ايڊووڪيٽ ايمان مزاري خلاف توهين عدالت جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

وزيراعظم شهباز شريف طرفان آزاد ڪشمير جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار

وزيراعظم شهباز شريف آزاد ڪشمير ۾ مظاهرن دوران پيش ايندڙ واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي شفاف جاچ جو حڪم ڏنو آهي

ادارا صبر ۽ بردباري سان پيش اچن، عوامي جذبات جو احترام ڪيو وڃي ۽ غير ضروري سختي کان پاسو ڪيو وڃي

احتجاج سبب متاثر خاندانن تائين فوري امداد پهچائڻ ۽ ڳالهين واري ڪميٽي ۾ نون ميمبرن جي واڌ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف آزاد ڪشمير ۾ مظاهرن دوران پيش ايندڙ اڻٽندڙ واقعن تي سخت خدشن جو اظهار ڪندي معاملي جي شفاف جاچ جو حڪم ڏنو آهي. پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته قانون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ٻوڏ صورتحال تي تڪڙي امداد نه گهرنداسين: محمد اورنگزيب

ٻوڏ بابت فيصلو ڪيو آهي ته فوري طور تي امداد نه گهرنداسين ڪوشش آهي ته پنهنجي زور تي معاملا صحيح ڪريون

ايف بي آر جو ڪم هاڻ صرف ٽيڪس گڏ ڪرڻ هوندو، ايندڙ سال جي بجيٽ ٽيڪس پاليسي آفيس طرفان ڏني ويندي

حڪومت کي پرائيويٽ سيڪٽر کي سازگار ماحول فراهم ڪرڻو آهي، ريگوليٽري مٽيريل جي قيمتن ۾ گهٽ ڪيو ته جيئن انڊسٽريز هلي سگهي

پشاور:بوقتي صدر يوسف رضا گيلاني تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پشاور: (م د) وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته ٻوڏ بابت فيصلو ڪيو آهي ته فوري طور تي امداد نه گهرنداسين ڪوشش آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ 166,000 پوائنٽس جي حد بحال

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ 166,000 پوائنٽس جي سطح تي واپس پهچي وئي آهي. ڪاروباري هفتي جي چوٿين ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جسٽس جهانگيري سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو چيلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس طارق محمود جهانگيري سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو چيلينج ڪندي سپريم ڪورٽ کان استدعا ڪئي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس ۾ ڊبل بينچ جي درخواست رد ڪئي، متاثر ڌر کي ٻڌڻ کان سواءِ هڪ طرفو فيصلو قانون جي خلاف آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ جو معاملو به نظرانداز ڪيو، درخواست ۾ سنڌ ايجوڪيشن ڪميشن، ڪراچي يونيورسٽي، پيمرا ۽ ٻين کي ڌر بنايو ويو آهي

جسٽس جهانگيري

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) جسٽس طارق محمود جهانگيري سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو آهي.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

برطانيه مان چوري ٿيل رينج روور ڪراچي ۾ ٽريڪ

انٽرپول 22 نومبر 2022 تي برطانيه (برطانيه) مان چوري ٿيل ڪار جي بازيابي ۾ مدد لاءِ سنڌ پوليس کي خط لکيو آهي

انگلينڊ جي هارو گيٽ مان کنئي وئي هئي ۽ هاڻي ان جي جڳهه ڪراچي ڪينٽ تي ٽريڪ ڪئي وئي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) انٽرنيشنل ڪرمنل پوليس آرگنائيزيشن (انٽرپول) 22 نومبر 2022 تي برطانيه (برطانيه) مان چوري ٿيل ڪار جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

هڪ ڪانسواءِ سڀ ٻيڙيون ۽ مسافر محفوظ ۽ حراست ۾ آهن:اسرائيلي پرڏيهي ترجمان

سڀ مسافر خيريت سان آهن. هڪ ٻيڙي جيڪا اڃا نڪري وئي آهي اها جيڪڏهن جني علائقي ۾ داخل ٿي ته ان کي به روڪيو ويندو

اسرائيلي نيوي واٽر ڪينن فائر ڪندي 13 ٻيڙين ۾ 201 مسافرن کي گرفتار ڪيو آهي:فلوٽيلا ترجمان سيف ابوڪيشڪ

پاڪستان جو سينيٽر مشتاق احمد خان، سيد عذير نظامي، سوئيڊن جي ناميارو انساني حقن جي ڪارڪن گريٽا ٿنبرگ سميت سندس سائين کي حراست ۾ ورتو آهي

غزه (م د) اسرائيل جي پرڏيهي کاتي جي ترجمان اعلان ڪيو آهي ته فلوٽيلا ۾ شامل هڪ ڪانسواءِ سڀ ٻيڙيون ۽ انهن ۾ سوار مسافر سندن تحويل ۾ آهن. سڀني مسافرن کي اسرائيل آندو ويندو جنهن بعد کين يورپ ڏانهن ڊي پورٽ ڪيو ويندو. ترجمان موجب سڀ مسافر خيريت سان آهن. هڪ ٻيڙي جيڪا اڃا نڪري وئي آهي اها جيڪڏهن جني علائقي ۾ داخل ٿي ته ان کي به روڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اوٿل ۾ مسافر ڪوچ ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر، 6 ڄڻا فوت، 17 زخمي

ٽل ۾ زيرو پوائنٽ پرسان مسافر ڪوچ ۽ پٿرن سان ڀريل ٽرڪ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 6 مسافر فوت ۽ عورتن ۽ ٻارن سميت 17 مسافر زخمي ٿي پيا

لاشن ۽ زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو، مسافر ڪوچ پنجگور کان ڪراچي وڃي رهي هئي:پوليس

اوٿل (م د) لسٻيلي ضلعي جي تعلقي اوٿل ۾ زيرو پوائنٽ پرسان مسافر ڪوچ ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر سبب 6/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان يوسي 1 جي چيئرمين توفيق الدين صديقي سان گڏ تعمير هيٺ عمر فاروق پارڪ جو دورو ڪيو

ان موقعي تي ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان، يوسي چيئرمين توفيق الدين صديقي تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو

ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان جي هدايتن تي، ماڊل ڪالوني يوسي 1 عمر فاروق پارڪ جي تعمير نو ۽ مرمت جو ڪم جاري آهي

عمر فاروق پارڪ جي داخلا گيٽ جي تعميراتي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪم جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا

ڪراچي(رپورٽر) ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان يوسي 1 جي چيئرمين توفيق الدين صديقي سان گڏ يوسي 1 عمر فاروق پارڪ جو دورو ڪيو ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان جي هدايتن تي، ماڊل ڪالوني يوسي 1 عمر فاروق پارڪ جي تعمير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان يوسي چيئرمين توفيق الدين صديقي ۽ ٻين سان گڏ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺندي

مسلسل واڌ ڪانپوءِ سون جي اگهه ۾ هزارين رپيا لاٿ ٿي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ مسلسل واڌ ڪانپوءِ اڄ لاٿ سامهون آئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب 2500 رپيا لاٿ ڪانپوءِ في تولي سون جي قيمت 4 لک 7 هزار 778 رپيا ٿي وئي آهي. 10 گرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بجلي چور اسان جا دشمن آهن، اسان جو سڄو ڌيان بجلي چورن کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ تي آهي:حيسڪو ترجمان

حيسڪو انتظاميا، ڊي ايس پي جي مدد سان، علائقي جي مختلف سب ڊويزنن ۾ بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرن خلاف آپريشن ڪيا آهن

لياقت ڪالوني، رضوي، چمبڙ، ٽنڊو شاهپور چاڪر، ميرپور خاص سٽي ۽ ميرواهه گورچاڻي شامل آهن علائقي ۾ 91 غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا

440 ميٽر پي وي سي ضبط ڪيا ويا، جڏهن ته 2.7 ملين 6 هزار کان وڌيڪ واجبات جي صورت ۾ وصول ڪيا ويا:حيسڪو ترجمان

حيدرآباد (پي آر) حيسڪو ترجمان موجب، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي، بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرز خلاف بي انت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ته جيئن بجلي چوري کي مڪمل طور تي ختم ڪري سگهجي ۽ ڊيفالٽرز کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

راولپنڊي: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان چين جو پرڏيهي وزير وفد سان گڏ ملاقات ڪندي

صوبي ۾ بجلي وارين گاڏين جي طلب تيزي سان وڌي رهي آهي:گورنر سنڌ

گورنر سنڌ چيني قونصل جنرل يانگ ينگ دونگ سان گڏ پورٽ قاسم ۾ اليڪٽرڪ گاڏين جي صنعتي پارڪ جو دورو ڪيو

صنعتي پارڪ ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن، جتي درجنين چيني انجنيئر ۽ مزدور رهائش پذير آهن

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته سنڌ ۾ بجلي وارين گاڏين جي طلب تيزي سان وڌي رهي آهي. آلودگي کان پاڪ سماج وقت جي ضرورت آهي. اهي چين کان جديد ٽيڪنالاجي حاصل ڪرڻ جي خواهشمند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد پريس ڪلب ۾ پوليس جي صحافين تي تشدد جي جاچ جو حڪم

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اسلام آباد پريس ڪلب ۾ داخل ٿي صحافين تي پوليس تشدد جو نوٽيس ورتو

صحافي برادري خلاف تشدد ڪنهن به صورت قبول ناهي:وفاقي گهرو وزير محسن نقوي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اسلام آباد پريس ڪلب ۾ داخل ٿي صحافين تي پوليس تشدد جو نوٽيس وٺندي انڪوائري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: برسات بعد دريائن جو جائزو وٺڻ بابت گڏجاڻي صوبائي وزير جام خان شورو جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ واپاري خساري ۽ درآمدن ۾ واڌ

جولاءِ کان سيپٽمبر 2025 تائين واپاري خسارو 9 ارب 36 ڪروڙ 80 لک ڊالرن تي پهچي ويو

درآمدن جو ڪاتو 16 ارب 97 ڪروڙ 10 لک ڊالر رهيو، سيپٽمبر 2025 ۾ درآمدون 5 ارب 84 ڪروڙ 50 لک ڊالر رهيون

اسلام آباد (بيورو) وفاقي ڳڻپ کاتي واپاري انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا، جنهن موجب مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ واپاري خساري ۽ درآمدن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

کنڊ جي کوٽ ختم، وڌيڪ درآمد نه ڪرڻ جو فيصلو

غذائي تحفظ واري وزارت ۾ شگر اسٽاڪس جو جائزو ورتو ويو، جنهن دوران کنڊ جي وڌيڪ درآمد روڪڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان ذريعي وڌيڪ کنڊ درآمد نه ڪئي ويندي:اختياريون

اسلام آباد (بيورو) حڪومت کنڊ جي وڌيڪ درآمد روڪڻ جو فيصلو ڪري ورتو سرڪاري اختيارين موجب غذائي تحفظ واري وزارت ۾ شگر اسٽاڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

عوامي احتجاج اقتداري ايوانن کي لوڏهي ڇڏيندو

احتجاج ڪندڙ شاگردن کي طاقت جي زور تي ڪچلڻ جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي

40 مارڪس پاس شاگردن کي فورن جوائننگ آرڊر ڏئي عرصي ۾ 6 مهينا اضافو ڪيو وڃي: علامه اياز قُمي

حدرآباد (پ ر) هي ته دنا جون ننڍڙيون ۽ ٻي وقعت حڪمرانون آهن پر تاريخ گواهه آهي ته جڏهن ظلم پنهنجون حدون اورانگهڻ لڳندو آهي ته پوءِ عوامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ اي چالان لاڳو، ناڪا ختم، بنا لائسنس ڊرائيونگ تي گهٽ ۾ گهٽ 20 هزار ڏنڊ هوندو

ٽريفڪ سيڪشنز مان چالان مشينون به جمع ڪيون ويون آهن ۽ ٽريفڪ پوليس کي بائيڪ لفٽنگ کان به روڪيو ويو

لائسنس جي موٽرسائيڪل هلائڻ تي 20 هزار رپيا ڏنڊ هوندو: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ اي چالان تي عملدرآمد شروع ٿيڻ ڪانپوءِ سڄي شهر مان ٽريفڪ پوليس جا ناڪا ختم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته ٽريفڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حيدرآباد:حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي حيسڪو پاران بقاياجات خلاف ڪارروائي جو ڏيک

منهنجو ڪم پنجاب لاءِ آواز اٿارڻ آهي، ڪڏهن معافي نه وٺنديس: مريم نواز

مان جيڪڏهن پنجاب لاءِ آواز نه اٿاريندس ته ڪير اٿاريندو؟ مان ڪڏهن معافي نه گهرنديس، منهنجو ڪم پنهنجي ماڻهن ۽ پنجاب لاءِ آواز اٿارڻ آهي

جيڪڏهن ڪو پنجاب کي نشانو بڻائيندو ته جواب ڏينديس، وزيراعليٰ طور مان نه ڳالهائيندس ته ڪير ڳالهائيندو؟ ان تي مان ڪڏهن به معافي نه وٺنديس

جيڪو توهان کي پيچ ڏاهه لاءِ اڪسائي اهو توهان جو سڀ کان وڏو دشمن آهي، 9 مئي تي ٻارن کي ملڪ تي حملو ڪرڻ جو چيو ويو پر انهن جا پنهنجا ٻار ٻاهر ويٺا آهن

وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز

لاهور (م د) وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز چيو آهي ته مان جيڪڏهن پنجاب لاءِ آواز نه اٿاريندس ته ڪير اٿاريندو؟ مان ڪڏهن معافي نه گهرنديس. منهنجو ڪم پنهنجي ماڻهن ۽ پنجاب لاءِ آواز اٿارڻ آهي. يونيورسٽي آف هوم اڪنامڪس ۾ تقريب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي، عظميٰ بخاري جو شرميلا فاروقي کي مناظري جو چيلينج

پ پ جي سنڌ ۾ 17 سالن کان حڪومت آهي ۽ مريم نواز جي پنجاب ۾ حڪومت کي هڪ سال به ناهي ٿيا:عظميٰ بخاري

توهان 17 سالن ۾ پنهنجا 17 عوامي ڀلائي جا منصوبا ڳڻائي سگهو، جڏهن ته مريم نواز ڏيڍ سال ۾ 90 منصوبا شروع ڪري ڇڏيا

لاهور (م د) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري پ پ اڳواڻ شرميلا فاروقي جي بيان تي ڪيس مناظري جو چيلينج ڏئي ڇڏيو هڪ بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

غزا ويندڙ گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيل جي ڪاهه، اڳوڻي پاڪستاني سينيٽر مشتاق احمد سميت ڪيترائي گرفتار

فلوٽيلا ۾ موجود پاڪستان جي اڳوڻي سينيٽر مشتاق احمد سميت ڪيترن ئي ماڻهن کي اسرائيلي فورسز حراست ۾ وٺي ڇڏيو

اسرائيلي فوجي ٻيڙين 40 کان وڌيڪ ٻيڙين تي ٻڌل گلوبل فلوٽيلا کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو ۽ ڪيترن ئي ٻيڙين تي پاڻي جو توپون هلائي ڇڏيون

غزا جي عوام لاءِ امداد کڻي ويندڙ ان فلوٽيلا تي پاڪستان جي اڳوڻي سينيٽر مشتاق احمد ۽ جڳ مشهور سماجي اڳواڻ گريٽا ٿنبرگ سميت 500 کان وڌيڪ ماڻهو سوار آهن

غزا (م د) غزا ڏانهن امداد کڻي ويندڙ گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيل ڪاهه ڪري ڇڏي ۽ فلوٽيلا ۾ موجود پاڪستان جي اڳوڻي سينيٽر مشتاق احمد سميت ڪيترن ئي ماڻهن کي اسرائيلي فورسز حراست ۾ وٺي ڇڏيو اسرائيلي فوجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ جي تعليم کاتي جي استادن جون بدليون نوٽيفڪيشن جاري

استادن ۽ شاگردن جي شرح، اسڪولن جي ضرورت ۽ ويڊ لاڪ پاليسي تحت مجموعي طور تي 10 هزار 490 استادن جون بدليون ڪيون ويون آهن:ترجمان

ايس ٽي آر تحت بدلين سبب 1320 بند اسڪول ٻيهر کلي ويندا، اهي اسڪول استادن جي رٽائرمينٽ يا لاڏاڻي سبب بند ٿي ويا هئا

بدلين سان 1550 اسڪولن ۾ استادن جي کوٽ پوري ٿي ويندي، جڏهن ته هڪ استاد تي ٻڌل 1328 اسڪولن ۾ تدريسي عملي جو انگ وڌايو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم کاتي استادن جي بدلين جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. تعليم کاتي جي ترجمان موجب استادن ۽ شاگردن جي شرح، اسڪولن جي ضرورت ۽ ويڊ لاڪ پاليسي تحت مجموعي طور تي 10 هزار 490/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

برطانيا ۾ يهودي عبادتگاهه تي حملو، ٻه ڄڻا مارجي ويا

لنڊن (م د) برطانوي شهر مانچسٽر ۾ يهودي عبادتگاهه تي حملي ۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا ۽ ٻه زخمي ٿي پيا. پوليس موجب حملي آور اسرائيلي شهرين کي گاڏي سان ٽڪر هنيو، پوءِ چاقو سان حملو ڪيو. شڪي حملي آور کي گولي هڻي ماريو ويو آهي.

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪشمير ۾ پرتشدد احتجاج 3 اهلڪار ۽ 6 شهري شهيد، ڳالهيون شروع

آزاد ڪشمير ۾ عوامي ايڪشن ڪميٽي جي پرتشدد مظاهرن جي نتيجي ۾ 3 پوليس اهلڪار فوت ٿي ويا جڏهن ته 6 عام شهري به حياتي وڃائي ويٺا

پرتشدد مظاهرن جي نتيجي ۾ 72 پوليس اهلڪار زخمي ٿيا آهن جن مان 12 جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي، جڏهن ته زخمين ۾ 50 عام شهري به شامل آهن

اختيارين عوام کان اپيل ڪئي آهي ته هو سوشل ميڊيا تي مخصوص ايجنڊا هيٺ ڦهلائي ويل فيڪ نيوز تي ڌيان نه ڏين

مظفرآباد(م د) آزاد ڪشمير ۾ عوامي ايڪشن ڪميٽي جي پرتشدد مظاهرن جي نتيجي ۾ 3 پوليس اهلڪار فوت ٿي ويا جڏهن ته 6 عام شهري به حياتي وڃائي ويٺا. پرتشدد مظاهرن جي نتيجي ۾ 72 پوليس اهلڪار زخمي ٿيا آهن. جن مان 12/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برسات جو امڪان

پارتي گجرات تي موجود هوا جو واضح گهٽ دٻاءُ ڊپريشن ۾ تبديل ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي ايندڙ ٻن ڏينهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي. موسميات کاتي موجب پارتي گجرات تي /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 25

صوبائي وزير سعيد غني سان قومي هيرو ڪوهه پيماءُ اسد علي ميمڻ ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير محنت ۽ افرادي قوت سنڌ سعيد غني سان قومي هيرو ڪوهه پيماءُ اسد علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ايس بي سي اي پاران سنڌ ڀر ۾ خطرناڪ عمارتن ۽ غير قانوني تعميرات خلاف وڏو ايڪشن

ڊائريڪٽر جنرل ايس بي سي اي مزمل حسين هاليپوٽو جو صوبي جي سڀني خطرناڪ عمارتن جي سروي جو حڪم

آفيسرن جي ڪارڪردگي لاءِ گريڊنگ سسٽم تيار ٿيندو، غفلت تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي:ڊائريڪٽر جنرل

اهي قدم انساني جانن جي حفاظت، شهري سلامتي ۽ تعميراتي عمل ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ کنيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه جي هدايتن تي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) مزمل حسين هاليپوٽو سنڌ ڀر ۾ خطرناڪ عمارتن ۽ غير قانوني تعميرات خلاف فيصلائتي ڪارروائي جي شروعات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: چيئرمين منگهوپير حاجي نواز علي بروهي ميئر مرتضيٰ وهاب ۽ شاهده رحماني سان گڏ مختلف علائقن جو دورو ڪندي پاڻي جي نيڪال جي نگراني ڪري رهيو آهي

يوسي 8 بلديه ٽائون ۾ ڌانڌلي خلاف اليڪشن ڪميشن اسلام آباد ۾ پٽيشن داخل

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ، نامور قانوندان ۽ يوسي 8 بلديه ٽائون جي وائس چيئرمين جي اميدوار ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهان بلدياتي ضمني چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف اسلام آباد ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي سڀني جي سامهون آهي، ماڻهو بيزار ٿي ويا آهن:مرتضيٰ جتوئي

سال 2008ع کان پوءِ رواداري واري سياست نه رهي آهي، اسان به ڪافي ڀيرا حڪومتن ۾ آياسين پر مخالفن کي اسان انتقام جو نشانو نه بڻايو

چونڊن ۾ بيهڻ هر ڪنهن جو حق آهي، سنڌ ۾ هڪ رسم رواج هئي ته ماڻهو هڪٻئي سامهون چونڊن ۾ بيهندا هئا پر ان کي ذاتي دشمني تصور ڪونه ڪيو ويندو هو

سنڌ مٿان عجيب قسم جي مخلوق مسلط ٿي وئي آهي، سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي سڀني جي سامهون آهي، هاڻي ماڻهو بيزار ٿي ويا آهن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) جي ڊي اي جو مرڪزي اڳواڻ ۽ نيشنل پيپلز پارٽي جو سربراهه غلام مرتضيٰ جتوئي لاڙڪاڻي جي فرسٽ ايڊيشنل اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ ڏوڪري ٿاڻي تي داخل ڪيس جي ٻڌڻي جي سلسلي ۾ پنهنجي وڪيلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

روزاني
Daily AWAMI SOCH KARACHI
جمهوري سوچ جي ترجمان
عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ: 03153327758

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڱڙين جي؛
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار؛
ڏوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

جمعو 03 آڪٽوبر 2025ع

جيڪڏهن نندي صوبي جو وڏو وزير چوي ته ”منهنجو صوبو، منهنجي مرضي“ ته قبوليو ويندو؟

پنجاب جي خاتون وزيراعليٰ مريم نواز شريف فيصل آباد ۾ خطاب ڪندي چيو آهي ته منهنجو پاڻي، منهنجو پئسو پنجاب پنهنجي پاڻي تي ڪئنال ٺاهڻ چاهي ٿو ته توهان کي تڪليف ڇو ٿي ٿئي؟ هن چيو ته اسان ڪنهن ٻئي جو پاڻي چوري نه ٿا ڪريون پنهنجي پاڻي تي چولستان کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪئنال ٺاهيون پيا سو پنجاب جي عوام کي حق ڏيڻ لاءِ ڪنهن جي به اجازت وٺڻ جي ضرورت ناهي.

هوڏانهن قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جي اجلاس ۾ پڻ پ پ ۽ ٻين سياسي جماعتن مريم نواز جي ان تقرير خلاف سخت احتجاج ڪندي واڪ آئوٽ ڪيو ۽ جيستائين مريم نواز معافي نه ٿي وٺي تيستائين ڪنهن به قانون سازي جو حصو نه ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو پ پ ميمبرن جو چوڻ هو ته منهنجو پاڻي ۽ منهنجو پئسو واري بيان جو ڇا مطلب آهي ايئن ته پوءِ ٻيو ڪو صوبو وري اهو چوندو ته ”منهنجو پيٽرول ۽ ڪٽڪ سو اسان جي مرضي“ هنن چيو ته سنڌو آهي ته ملڪ آهي سو اسان اهڙي حالت ۾ حڪومتي بينچن تي نٿا ويهي سگهون پوءِ اوهان جي مرضي جيئن وڻيو تيئن حڪومت هلايو. اسان کي وزارتون، ڪرسيون ۽ مراعتون نه گهرجن.

پ پ جي ان سخت ردعمل تي وزير قانون اعظم نذير تارڙ ڪين پرچائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته جيڪڏهن دوستن جي دل آزاري ٿي آهي ته مان معذرت خواهه آهيان. اپوزيشن کي چوان ٿو ته اوهان کي خوش ٿيڻ جي ضرورت ناهي اسان پاڻ مسئلو حل ڪري وٺنداسين. وزيراعظم جي سياسي صلاحڪار رانا ثناءَالله سينيٽ ۾ چيو ته پاڻي سڄي ملڪ جو آهي جنهن کي فارمولي تحت ورهايو ويو آهي. هن چيو ته مريم نواز اصل ۾ ان فارمولي تحت پنجاب جي پنهنجي پاڻي واري حصي جي ڳالهه ڪري رهي هئي جنهن کي غلط سمجهيو ويو آهي.

مريم نواز جي ان موقف کي اسان هڪ انتهائي غير ذميوارانو ۽ وفاق جي روح مخالف سمجهون ٿا جنهن خلاف سنڌ ۾ توقع موجب سخت ترين ردعمل ظاهر ٿيڻ لڳو آهي. مريم نواز جنهن عهدي تي موجود آهي سو عهدو هڪ غير ذميواري ۽ غير سنجيدگي کي اصولي طور تي برداشت نه ٿو ڪري سگهي. مريم نواز جي ان تقرير سان پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جيڪي هن وقت وفاق ۾ اتحادي حڪومتون آهن تن جي لاڳاپن تي به شديد اثر پيو ٿي پيو آهي پر ان سان سنڌ ۾ به مسلم ليگ (ن) جي سياسي ساک کي پڻ سخت ڇيهو رسيو آهي.

اهو غير ذميوارانو بيان ان حڪومت جي پنجاب جي وزيراعليٰ ڏنو آهي جيڪي پاڻ کي وفاق جو علمبردار سمجهندا آهن ۽ جيڪي سنڌ جي معدني وسيلن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ته وفاق جو راڳ آلاپيندا آهن پر پاڻ سنڌ کي قانون ۽ پاڻي جي معاهدي تحت پنهنجي حصي جو پاڻي به نه ڏئي سگهندا آهن. جڏهن ته پاڻي جو 91 وارو معاهدو سنڌن ئي حڪومت ۾ غير جمهوري طور تي لاڳو ڪيو هو پر افسوس ته مسلم ليگ (ن) جي حڪومت پنهنجي ان معاهدي تحت به سنڌ کي پاڻي جو حصو ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ۽ ان قانون جي گهرج کي ان ڪڏهن به وفاق جو ۽ قومي مفاد ناهي جاتو اجان به ملڪ کان پاڻ کي ڏار ڪري وڏي واڪي چئي ٿي ته ”منهنجو پاڻي، منهنجو پئسو منهنجي مرضي.“ مريم نواز جي ٻولي وانگر جيڪڏهن ڪنهن نندي صوبي جو وڏو وزير اهڙي تقرير ڪري ها ته منهنجو صوبو منهنجا وسيلا اوهان جو ڇا وڃي ته ان کي بغاوت سمجهيو وڃي ها پر بغاوت جا ۽ ملڪ غداري جا سرٽيفڪيٽ ڏيندڙ ملڪ جي وڏي صوبي جي وزيراعليٰ جي ٻولي کي ڪير ڏسي. مسلم ليگ (ن) جو وفاقي وزير ٿو چوي ته اصل ۾ مريم نواز پنهنجي پاڻي جي حصي جي ڳالهه ڪري رهي هئي جنهن کي سمجهيو ناهي ويو. جيڪڏهن ايئن به آهي ته پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اخلاقي طور پهريون اوهان سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو آهي جو پنهنجي پاڻي جي حصي تي حق جتائي رهيا آهيو پهريون وفاقي ۽ پنجاب جي حڪومت کي پنهنجو ڪردار صاف رکڻ گهرجي ۽ ٻين صوبن جي حقن جو ايئن ئي خيال ڪرڻ گهرجي جيئن پنهنجي حصي جو خيال ڪيو پيو وڃي.

اها به حقيقت آهي ته مريم نواز اهڙو غير ذميوارانو بيان سنڌ حڪومت جي ڪجهه وزيرن جي غير ذميوار بيانن جي ردعمل ۾ ڏنو آهي جن بجاءِ انجي ته پنجاب صوبي ۾ آيل جهڙين برساتن ۽ ٻوڏن ۾ پنجاب حڪومت جو ساٿ ڏيڻ جي اُلٽو ان تي سياست ڪئي ۽ پنجاب حڪومت کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي ٻڌايو ته پنجاب اندر ايڏي تباهي آئي آهي تياري نه ڪئي تنهن ڪري پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ۽ ٻين اڳواڻن سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي تي تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پوءِ نوبت ان تقرير جي آئي جنهن پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي وزيرن يعني حڪمرانن پاڻ غير ذميوارانا بيان ڏنا آهن جيڪي سنڌن غير سياسي ذهنيت ۽ سياسي تعليم جي فقدان کي ظاهر ڪن ٿا.

ان غير سياسي ذهنيت جو ڪارڻ اهو آهي ته سياسي ۽ نظرياتي تربيت جون درسگاهون بند ڪيون ويون آهن شاگرد يونين تي ضياءَ الحق جي مارشل لائي دور کان بندش پيل آهي جنهن نتيجي ۾ يونيورسٽين مان تعليم يافته ۽ سند يافته سياستدان پيدا نٿا ٿين جنهن نتيجي ۾ اسيمبليون ڪاروباري ۽ ٽيڪنو ڪريٽ شخصيتن، وڏيرن، جاگيردارن ۽ چوڌرين سان ڀريل ملن ٿيون جن جي سياست تي ڳالهائڻ به نه ٿو اچي ۽ نه ئي عوام جي عزت نفس جو خيال اٿن. عوام ته ڇڏيو ڪين ملڪ، ملڪي ادارن جي سلامتي ۽ بقا جو به خيال ناهي ۽ نه ئي هڪٻئي جي مئنڊيٽ جو احترام ڪري سگهڻ جي اهليت رکن ٿا.

ماحولياتي تباهي ۽ فطرت جو انتقام

طارق امر آريجو

فطرت جي اصولن ۽ قاعدن جو ويجهي کان مطالعو ڪندڙن ۽ ماحوليات تي ڊگهي نظر رکڻ وارن ماهرن جو خيال آهي ته سال 2025 دنيا جي لاءِ هڪ فيصلاڪن موڙ ثابت ٿيو آهي. گرمي جي عالمي پد ۾ مسلسل اضافي پوري دنيا کي جنجهوڙي ڇڏيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي خطن ۾ غير معمولي ماحولياتي آفتن، مصيبتن ۽ سيلابن عام ماڻهن جا جهويا جهڻ ۽ پيداواري وسيلا سندن پيرن هيٺان کسڪي رهيا آهن. پاڪستان به ان خطي جي متاثرين مان هڪ آهي.

يو اين اي پي جي هڪ رپورٽ مطابق اقوام متحده جي ماحولياتي پروگرام مطابق سال 2025ع ۾ يورپ کي تاريخ جي سڀ کان وڏي گرميءَ کي پوگهڻو پيو اٽلي، اسپين ۽ فرانس ۾ گرمي پد 45 ڊگري کان به مٿي وڃي پهتو، نتيجي ۾ ڪيئي فصل سڙي ويا ۽ بجليءَ جي نظام کي به ڪافي نقصان پهتو جنهن سان لکين ماڻهو متاثر ٿيا. انهيءَ دوران آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾ لکين هيڪٽرن تي ٻيلن کي باهه جا واقعا پيش آيا. بين الحڪومتي پينل پنهنجي تازي رپورٽ ۾ (IPPC) برائي موسمياتي تبديليءَ ۾ نشاندهي ڪئي آهي ته وڌندڙ گرمي پد ۽ طويل خشڪ سالي ٻيلن ۾ لڳندڙ باهه کي ٻيڻو ڪري رهيا آهن. آفريڪي کنڊ جي ملڪن صوماليا، ايٿوپيا ۽ سوڊان جهڙا ملڪ شديد قحط ۽ خشڪ سالي سان منهن ڏئي رهيا آهن جتي لکين انسان خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي کمي سان جهيڙي رهيا آهن. ٻئي پاسي ڏکڻ ايشيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ ساموندي طوفانن ۽ برساتن تباهي آندي آهي. خاص طور پاڪستان، بنگلاديش ۽ فلپائين جا لکين ماڻهو متاثر ٿيا آهن. اهي سڀئي مظهر ان ڳالهه طرف اشارو ڪري رهيا آهن ته دنيا هن وقت سنگين ماحولياتي بحران جي ٻواٽي تي بيٺي آهي.

پاڪستان جي صورتحال کي جيڪڏهن دنيا جي ٻين خطن ۾ پيش ايندڙ آفتن ۽ تباهين سان ڳنڍيو وڃي ته اهي سڀئي هڪ ئي ڪهاڻي جا مختلف روپ نظر ايندا. يورپ ۾ وڌندڙ گرمي جي لهر، آفريڪي ملڪن ۾ خشڪ سالي ۽ خوراڪ جا مسئلا، ڪينيڊا، آمريڪا ۾ ٻيلن ۾ باهيون ۽ پاڪستان ۾ طوفاني بارشون ۽ ٻوڏ سڀ هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي آهن. IPPC جي هڪ رپورٽ ۾ AR_6 خبردار ڪيو هو ته موجوده گرمي پد ۾ جيڪڏهن 1.5 ڊگري جو به اضافو ٿيو ته دنيا شديد ۽ ناقابل تلافي نقصان کي پهچندي. اهڙين اڳڪٿين، انديشن هاڻي 2025ع ۾ حقيقت جو روپ ڌاري ورتو آهي. UNEP ۽ پاڪستان ميٽرولاجيڪل ڊپارٽمنٽ جي گڏيل رپورٽ مطابق، گذريل 20 سالن ۾ گليشيئرز جي جسامت ۾ 25 سيڪڙو ڪمي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. انهن جي ڳرڻ ڪيترا ئي درجن گليشيرائي ڍنڍون پيدا ڪري ورتيون آهن، جن مان ڪيترين ئي ڦاٽڻ جي خطري سان منهن ڏئي رهيون آهن. 2025ع ۾ گلگت ۽ بلتستان جي ٻن ضلعن هنزا ۽ غذر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه اهڙا واقعا ٿيا آهن جنهن ۾ مقامي آبادي کي لڏڻ پئجي ويو آهي. اهڙي صورتحال نه صرف مقامي ماڻهن کي پريشان ڪندڙ آهي پر ملڪ جي آبي ذريعن لاءِ به خطري جي گهنٽي آهي. سنڌو درياءَ جو گهڻوتڻو وهڪرو انهن گليشيئرز جي هجڻ تي آڌاري ٿو. جيڪڏهن اهي گليشيئرز تيزيءَ سان ڳرندا رهيا ته پوءِ ملڪ کي پاڻيءَ جي شديد بحران سان منهن ڏيڻو پوندو.

فطرت سان انساني ڪؤنس ڪيس فطرت کان پري ڌڪي ڇڏيو آهي، جتي هاڻي انسان جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي. نئين سائنسي تحقيق ثابت ڪيو آهي ته ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ميٿين گئسن جي بي پناهه خارج ٿيڻ ۽ ٻيلن جي بي دردي سان واڍي اوزون ته ۾ سوراخ ٿيڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن. جنهن سان عالمي گرمي پد ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ٿيو آهي. جنهن ڪري موسمي ۽ ماحولياتي تبديليون، سونامين ۽ تباهه ڪاريون فطرت کي موت ڏانهن گهلي وڃي رهيون آهن. اڄ کان 28 سال پهرين انهن خطرن جي نشاندهي ڪندي، جاپان جي شهر ”ڪيوٽو“ ۾ فطرت کي بچائڻ لاءِ هڪ معاهدو ڪيو ويو ته ڪيئن گرين هائوسز گيسن ۾ ڪمي آندي وڃي ته جيئن دنيا کي وڏن بحرانن مان ڪڍي فطرت کي بچائجي. وقت سان گڏ ”ڪيوٽو“ معاهدو مختلف مرحلا طئي ڪندو پيرس معاهدي جي صورت اختيار ڪري ورتي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪيترن ئي وڏن سرمائيدار ملڪن ۽ انهن جي ملٽي نيشنل ڪمپنين ان معاهدي کي ماڻ نه ڏنو ۽ ان تي عمل درآمد ڪرڻ نه ڏنو ايتري تائين جو موجوده آمريڪي صدر ٽرمپ ان قسم جي اهڙن ڪيترن ئي معاهدي مان به نڪري ويو آهي. اها سيني کي سُڌ هوندي ته ماحوليات جي تباهيءَ جا وڏا ذميوار ۽ ڏوهاري سرمائيدار صنعتي ملڪ آهن. ان ڪري ئي مائڪرو سافٽ ويئر جي مالڪ بل گيٽس به مختلف وقتن تي دانهون ڪندو آيو آهي ته دنيا ۾ ٿيندڙ موسمي تبديلين سان ماحوليات جي تباهه ڪارين کان چوٽڪاري جو سرمائيدار ملڪن وٽ نه ته حل آهي نه ئي اُهي ان لاءِ سنجيده ڪوششون وٺندي نظر اچن ٿا. هڪ ڀيري ڪائنس پڇيو ويو ته آخر ان جو حل ڪنهن وٽ ۽ ڪهڙو آهي، سندس فوري جواب هيو سوشلزم.

2025 جون موسمي تبديليون هاڻي رڳو مستقبل جون اڳڪٿيون يا ڌمڪيون ناهن رهيون پر اڄ جي مجيل اٽل حقيقت آهي. پاڪستان جون ”مون سُون“ برساتون ۽ گلگت بلتستان جا ڳرندڙ گليشيئرس ان بحراني حقيقت جا ڏنا وائنا شاهد آهن. جيڪڏهن سرڪاري طور تي بروقت ۽ هنگامي قدم نه کنيا ويا ته ايندڙ نسلن جا اسين ڏوهاري هوندا سين ۽ اُهي نسل اهڙي پاڪستان جا وارث هوندا، جتي پاڻيءَ جي کمي، زمينون بنجر ۽ موسمون انتهائي نامواقف هونديون. تازو پنجاب ۾ 38 سالن کان پوءِ ايندڙ ٻوڏ، دريائن ۽ نالن جي اندر ڪيل غير قانوني والار ۽ قبضن تان پردو هٽائي اصل حقيقتن کي عوام اڳيان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. ان ۾ اڪثر قبضا رياست ۽ حڪومت جي طاقتور ماڻهن جا آهن، جن جو ريئل اسٽيٽ جو ڪاروبار آهي. هن وقت ته پنجاب ۾ ڳالهه ئي ان تي ٿيڻ کپي ته دريائن ۽ وڏن نالن جي اندر هزارين ايڪڙن تي پکڙيل قبضا ڪنهن جا آهن ۽ ڪيئن ٿيا آهن. ان ڳالهه کي اڳيان وڌائڻ گهرجي ته جيئن پنجاب جي قبضا مافيا جو چهرو بي نقاب ٿئي.

هاڻي اهل پنجاب کي به سمجهه ۾ آيو آهي ته هاڻوڪي ٻوڏ جو ڀارت سان ڪوبه واسطو ناهي. اصل ۾ پنجاب جي لکين ٻهراڙي جي غريب عوام کي ٻوڙيو آهي ته اها ريئل اسٽيٽ جو ڪاروبار ڪندڙ قبضي مافيا آهي، جنهن کي سرڪاري چوٽ ڏنل آهي. پنجاب جي عوام کي دريائن ۽ وڏن نالن تي انهن مهلڪ قبضا خورن ۽ انهن جي ناجائز اسڪيمن کي پاس ڪندڙ سرڪاري ڪامورن خلاف آواز اٿارڻ گهرجي جن دريائن ۽ وڏن نالن جي رستا روڪ ڪري لکين غريبن جا اجها اجاڙيا ۽ آباد زمينن جا فصل تباهه ڪيا آهن. اسان جي عوام کي هڪ آزاد ڪميشن جوڙڻ جو به مطالبو ڪرڻ گهرجي ته جيئن اصل محرڪ سامهون اچن ۽ جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سگهجي. فطرت جي بدليل حالتن جي گهرج آهي ته بحثن جو وقت پورو ٿي ويو هاڻي عمل ئي اسان کي بچائي سگهي ٿو دريائن جا نه صرف فطري لنگهه بحال ڪيا وڃن پر پراڻيون ڍنڍون، ڍورا، ڪنب ۽ نارا نه رڳو بحال ڪيا وڃن پر انهن جي گنجائش وڌائي ايتري ڪئي وڃي جو انهن ۾ في ايڪڙ 10 لکن کان 15 لک گيلن پاڻي روڪڻ جي صلاحيت هجي. جيڪو پاڻي اسان جي دريائي پاڻيءَ جي کوٽ وقت اسان جي فصلن جون ننڍي پئماني تي ضرورتون پوريون ڪري سگهي ٿو ۽ اسان پنهنجا مرندڙ فصل بچائي سگهون ٿا.

2010ع، 2022ع ۽ هاڻي 2025ع جي تباهه ڪن ٻوڏن ملڪ جي معيشت کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي، لکين ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن ۽ اربين رپين جو نقصان ٿي ويو آهي ٿي سگهي ٿو ته ملڪ جي ڪافي علائقن ۾ پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ ڪري چيٽ جي پوکائي به نه ٿي سگهي. دنيا ۾ قدرتي آفتن کان بچاءَ جا مؤثر طريقا اپنايا وڃن ٿا، جن تي عمل ڪري مهذب ۽ ترقي يافتا قومون پنهنجو بچاءَ ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب به ويون آهن.

پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي جيڪو جاگرافيائي، ماحولياتي ۽ موسمياتي لحاظ کان قدرتي آفتن لاءِ نهايت نازڪ سمجهيو وڃي ٿو زلزلا، سيلاب، گليشيئرز جي ڳرڻ، لينڊ سلائيڊنگ تونڙي گرمي ۽ سرديءَ ۾ اضافي سان هرسال لکين ماڻهو متاثر ٿين ٿا. اهڙين قدرتي آفتن جي وڌندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ مؤثر ”ارلي وارننگ سسٽم“ صرف اسان جي ضرورت ئي ناهي پر حقيقت ۾ انساني زندگين جي تحفظ لاءِ به اهميت رکي ٿو اقوامِ متحده جي اداري برائي ڊزاسٽر رسڪ رڊڪشن (يو-اين-ڊي-آر-آر) جي مطابق جيڪڏهن سمورا ملڪ مؤثر ارلي وارننگ سسٽم اختيار ڪن ته سال 2030ع تائين تقريبن 50 ڪروڙ ماڻهن کي قدرتي آفتن کان بچائي سگهجي ٿو.

ٽرمپ جون پاليسيون ۽ آمريڪي اڪيلائي

تحرير: ايوب ملڪ

آمريڪا اڄ صدر ٽرمپ جي پاليسين سبب دنيا ۾ اڪيلو ٿيندو پيو وڃي. ڇاڪاڻ ته آمريڪي ٽيرف پاليسيون دوست ۽ خيرخواهه ملڪن کي نظر ۾ رکڻ بنا طئي ڪيون پيون وڃن. ٽرمپ ڀارت تي روس کان تيل خريدڻ جي حوالي سان نه رڳو ٽيرف وڌائي ڇڏيا آهن، پر 2018ع ۾ ڏنل چابهار پورٽ بابت پابندين جي رعايت به واپس وٺڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڀارت لاءِ چابهار جي اسٽريٽجڪ اهميت ان ڪري وڌيڪ آهي، جو اها پاڪستان کي بائي پاس ڪندي افغانستان ۽ وچ ايشيا تائين واپار جو رستو مهيا ڪري ٿو ساڳي وقت اهو بندرگاهه ڀارت کي عربي سمنڊ ۾ چين جي وڌندڙ اثر رسوخ کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ڇو ته هي پورٽ گوادر کان صرف 140 ڪلوميٽر پري آهي.

ٽرمپ جي پاليسيءَ تحت ڀارت تي روس کان تيل خريدڻ جي سزا طور ڀاري تجارتي محصول لاڳو ٿيڻ بعد مودي وزيراعظم چونبجڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو چين جو دورو ڪيو ۽ چين ۾ ٿيل ايس سي او ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. البت، اڃا اهو چوڻ وقت کان اڳ آهي ته موديءَ جو هي دورو واقعي پاليسي جي تبديليءَ جي علامت آهي يا رڳو واشنگٽن لاءِ هڪ انتباهه. ماهرن جو خيال آهي ته ڀارت لاءِ آمريڪي مارڪيٽ ۽ ٽيڪنالاجيءَ کان ڌار ٿيڻ سولو نه هوندو، ڇو ته ڀارتي برآمدات جو لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو حصو آمريڪا ڏانهن وڃي ٿو ڀارت سان گڏوگڏ آمريڪا پنهنجي ٻئي خيرخواهه ملڪ ڏکڻ ڪوريا تي به 25 سيڪڙو بدران 15 سيڪڙو ٽيرف لاڳو ڪيو آهي، پر ان سان گڏ اها شرط وڌي وئي آهي ته ڪوريا آمريڪا ۾ 350 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪندو، جيڪا تيل، گئس ۽ جهاز سازيءَ جي شعبي ۾ ٿيندي. هن معاهدي باوجود ڏکڻ ڪوريا جي حڪومت ان ڳالهه تي حيران آهي ته آمريڪي امگريشن عملدارن رياست جارجيا ۾ هڪ وڏي هائيونڊئي ايل جي پلانٽ تي ڇاپو هڻي ٽن سئو کان وڌيڪ ڪورين ورڪرن کي گرفتار ڪري ڇڏيو.

ڏکڻ ڪوريا وانگر جاپان به مجبور ٿي آمريڪا سان هڪ اهڙو معاهدو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن بابت مبصرن جو خيال آهي ته جاپان پنهنجي مالي خودمختياري ٽرمپ حوالي ڪري ڇڏي آهي. معاهدي مطابق جاپان آمريڪا ۾ 550 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪندو، جيڪا گهڻو ڪري فوسل فيول جي صنعت ۾ ٿيندي. ان يادداشت ۾ لکي ڇڏيو ويو آهي ته جيڪڏهن جاپان معاهدي تي عمل نه ڪندو ته پوءِ ٽرمپ پنهنجي مرضيءَ مطابق وڌيڪ ٽيرف لاڳو ڪرڻ جو حق رکندو.

يوروپ به جاپان ۽ ڪوريا وانگر تجارتي جنگ بدران ٽرمپ سان هڪ معاهدو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت ايندڙ ٽن سالن ۾ يورپ 750 بلين ڊالر جي قيمت جو خام تيل، گئس، ٻين پيٽروليم شين ۽ ايٽمي ري ايڪٽر لاءِ ايندهن آمريڪا کان خريد ڪندو. پر ڪيترن ئي يورپي ملڪن کي ان تي ڳڻتي آهي، ڇو ته هو معاهدو انهن جي فوسل فيول جي استعمال گهٽائڻ واري منصوبن سان سڌي ريت ٽڪراءَ ڪري ٿو. ياد رهي ته اڄ يورپ جي لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو بجلي هوا مان پيدا ٿئي ٿي ۽ 2050ع تائين ان کي 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو

انهن معاهدن سان گڏ ٽرمپ يورپ تي اهو دٻاءُ وجهي رهيو آهي ته هو يوڪرين روس جنگ ۾ روس کان بچاءَ لاءِ پنهنجي گرين انرجي منصوبن ۾ لڳندڙ 350 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري کي ٻي رخ ڏئي. يورپي ماهرن هن راءِ کي غير منطقي، خود غرضانو ۽ خطري ڀريو سڏيو آهي، ڇو ته ان سان نه رڳو عالمي ماحولياتي مقصدن کي نقصان پهچندو، پر اهو به ظاهر ٿيندو ته ٽرمپ لاءِ بين الاقوامي ذميوارين ۽ ماحولياتي گنڌلاڻ ڪا اهميت نٿيون رکن.

آمريڪا جا پراڻا دوست هاڻي آمريڪا بدران چين ۽ ٻين ملڪن سان لاڳاپا وڌائي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته هو هاڻي آمريڪا تي ڀروسو ڪرڻ کان ڊڄي رهيا آهن. جيئوٽيڪ سڀ سمجهن ٿا ته ٽرمپ جا مطالبا مڃڻ بيوقوفي آهي، پر چين ڪانسواءِ ٻين ملڪن وٽ اهڙو ڪو وڏو آپشن ناهي، تنهن ڪري هو مجبور ٿي آمريڪي شرطن تي هلن ٿا. ڀارت، جاپان، ڪوريا ۽ يورپ جيان آمريڪا چين تي به ڀاري ٽيرف لاڳو ڪيا، جنهن جي جواب ۾ چين ناياب معدنيات ۽ ميگنيٽس جي برآمدات فوري طور بند ڪري ڇڏي. اهي ميگنيٽس ڪار، ڊرونز، مشينون، روبوٽ ۽ ميزائل ٺاهڻ تائين استعمال ٿين ٿا. ساڳئي وقت چين آمريڪا کان سويا بين جي خريد به مڪمل بند ڪري ڇڏي. چين جي ان قدمن آمريڪا کي واضح پيغام ڏنو ته دٻاءُ وجهڻ لاءِ ان وٽ به ڪافي هٿيار آهن. اهي سڀ قدم اهو ظاهر ڪن ٿا ته ٽرمپ تجارتي محصول پنهنجي ايجنڊا حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. ڀلي ان سان آمريڪا جي ويجهن اتحادي ملڪن کي سفارتي، سياسي يا معاشي مسئلا ئي ڇو نه پيدا ٿين.

بقايا 01

لاءِ تجويز ڪيل سنڌ ٽرانسفارميشنل ايڪسليريٽيڊ رورل واٽر سپلاءِ، سينيٽيشن اينڊ هائجين سروسز _STARS) (WASH منصوبو جوڙائڻو ورتو ويو اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ آبپاشي واري وزير جام خان شوري چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، پي اينڊ ڊي چيئرمين نجم شاهه ۽ پيپلز هائوسنگ پروجيڪٽ جو سي اي او خالد شيخ شرڪت ڪئي عالمي بئنڪ جي وفد ۾ ليڊ واٽر ريسورس مينيجمينٽ اسپيشلسٽ مسٽر بڪيلي ڊيبيلي نيگيوي پروجيڪٽ مينيجر مسٽر مائيڪل ڪيئي، سينيئر واٽر سپلاءِ اينڊ سينيٽيشن اسپيشلسٽ محمد فرحان الله سمي، سينيئر ايگريڪلچر اسسٽنٽ وليد انور، سينيئر سوشل ڊولپمينٽ اسپيشلسٽ ڪامران اڪبر ۽ آپريشن آفيسر حنا سليم لوطيه (زوم ذريعي آن لائن) شامل هئا عالمي بئنڪ جي وفد هڪ مهيني جي صلاح مشورن ۽ فيلڊ ورڪ کان پوءِ پنهنجا نتيجا ۽ تجويزون پيش ڪيون وڏي وزير ۽ عالمي بئنڪ جي وفد زور ڏنو ته محفوظ پاڻي ۽ صفائي تائين رسائي ٻارن ۾ اسٽنٽنگ جي شرح سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهي تنهن ڪري رڳو انفراسٽرڪچر ٺاهڻ بدران پائيدار خدمتي ماڊل اختيار ڪرڻ ضروري آهي اوهڻ ٻڌايو ويو ته صوبي جا 90 سيڪڙو ڳوٺاڻا گهر بيٺل جي پاڻي جي فراهمي پاڻ کان ئي ڪرڻ ۽ گهڻو ڪري آلوده زميني پاڻي تي ڀاڙين ٿا ماضي جا WASH منصوبا گهڻو ڪري رڳو اڏاوتون ٺاهڻ ۽ پوءِ مقامي ادارن يا ڪميونٽين حوالي ڪرڻ تائين محدود رهيا جنهن سبب آپريشن ۽ مينٽيننس (O&M) جا وڏا مسئلا پيدا ٿيا جاٽايل _STARS WASH فريم ورڪ تحت جامع پاليسي ۽ حڪمتِ عملي تجويز ڪئي وئي آهي جنهن ۾ سروس اسٽينڊرڊز، فراهمي جا ماڊل ۽ O&M لاءِ مالي مدد شامل آهي منصوبي جي پهرين مرحلي ۾ 20 لک کان وڌيڪ ماڻهن کي فائدو پهچايو ويندو ۽ ٻئي مرحلي ۾ باقي آبادي تائين وسعت ڏني ويندي ان سان گڏ سنڌ پيپلز هائوسنگ فائونڊيشن (SPHF) جي WASH پروگرام سان به انضمام ڪري پاڻي ۽ صفائي جي فراهمي کي مربوط ڪيو ويندو روڊ ميپ مطابق وڏن ڳوٺن (300 کان وڌيڪ گهرن وارا) کي پائپ لائين نيٽ ورڪ، اوور هيڊ ٽينڪ، ڊيسنٽرلائيزڊ گندگي پاڻي جي صفائي جا پلانٽ ۽ پروفيشنل يوٽيلٽي ڪمپنين يا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي O&M فراهم ڪيو ويندو وچولي سائيز وارن ڳوٺن (150 گهرن وارا) کي صاف پاڻي لاءِ اسٽينڊ پوسٽ يا هينڊ پمپ، انجنيئرڊ سيپٽڪ سسٽم ۽ ڪميونٽي ڊرائيو ڊولپمينٽ ماڊل فراهم ڪيا ويندا، جڏهن ته ننڍن ڳوٺن (150 کان گهٽ گهرن وارا) ۾ ڪميونٽي ليڊ ڊيزائن ۽ هلڪي ٽيڪنيڪي مدد سان نظام هلائڻو پوندو سڌارن ۾ سنڌ رورل واٽر سپلاءِ اينڊ سينيٽيشن ايڪٽ جو قيام، هڪ نيم _ريگيوليٽري اٿارٽي ۽ مالي سهڪار لاءِ صوبي جي فنڊز جي منتقلي جون تجويزون شامل آهن عالمي بئنڪ جي وفد زور ڏنو ته پاڻي، صفائي، صحت ۽ خوراڪ جون حڪمتِ عمليون گڏيل طور لاڳو ڪرڻ اسٽنٽنگ تي ضابطو آڻڻ ۽ ڊگهي مدي وارا اثر پيدا ڪرڻ لاءِ لازمي آهي وڏي وزير ۽ عالمي بئنڪ اتفاق ڪيو ته ايندڙ مشن نومبر 2025ع ۾ ٿيندو جنهن ۾ وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ منصوبي کي حتمي شڪل ڏني ويندي

بقايا 02

موجب ڇاپي دوران فيڪٽري مان مبينا طور تي تيار ڪيل جعلي ڀاڻ ۽ زرعي دوائن سميت خام مال جون هزارين بورين هٿ ڪيون ويون ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته موقع تي جعلي ڀاڻ سان ڀريل هڪ ٽرڪ به تحويل ۾ ورتو ويو. جڏهن هٿ آيل ڀاڻ، زرعي دوائن ۽ خام مال جي قيمت لکين رپيا ٻڌائي وڃي ٿي ملزمن کان جاچ جاري آهي ۽ هٿ آيل جعلي ڀاڻ ۽ زرعي دوائن جا نمونا ليبارٽري ٽيسٽ لاءِ موڪليا ويا آهن زراعت کاتي جي چوڻ مطابق هٿ آيل جعلي ڀاڻ، زرعي دوائون ۽ ڪيميڪل فصلن لاءِ انتهائي خطرناڪ آهن، جيڪي هارين کي سخت نقصان پهچائي سگهن ٿا ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل ابڙو ان موقعي تي ٻڌايو ته لاڳاپيل نجي فيڪٽري کي فوري طور تي سيل ڪيو ويو آهي فيڪٽري ۾ لڳل مشينري ذريعي جعلي ڀاڻ ۽ زرعي دوائون تيار ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيون پيئي ويون

بقايا 03

جي پريس ڪانفرنس تي رد عمل ۾ سينيٽر رانا ثناءُالله چيو ته پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز پنهنجي صوبي جي حصي جي پاڻي جي ڳالهه ڪئي، ڪنهن ٻئي صوبي جي حصي جي پاڻي جي ڳالهه ناهي ڪئي، پنجاب جي حصي جو پاڻي پنجاب مان جتان به گذاريون، انهي تي اعتراض نه هجڻ گهرجي. هن چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊيٽا تي سخت کي شديد اعتراض آهن. ٻئي طرف پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري چيو ته جنهن پارٽي جي اڳواڻ هڪ عورت آهي، اها سموري پارٽي هڪ عورت اڳواڻ جي خلاف پريس ڪانفرنسون ڪري رهي آهي. اهڙي طرح جي بيان بازي سان ڪوبه فرق نه پوندو نه ئي اهو سڀ ڪجهه ڪري پيپلز پارٽي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي ٿي. گذريل ڏينهن لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پيپلز پارٽي جي اڳواڻ قمرالزمان ڪائره چيو هو ته پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي زبان، لفظ ۽ هر لهجو نامناسب آهي، انهي جي ڳالهين جي جواب ۾ سنڌ مان به اهڙو ڪو به جواب آيو ته پوءِ ڇا ٿيندو؟

بقايا 04

تي شروعاتي ٻڌڻي کان پوءِ درخواست جي قابل قبوليت تي پنهنجو فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني ايمان مزاري خلاف توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جتي شهري حافظ احتشام احمد ذاتي حيثيت ۾ درخواست ڏيندڙ طور پيش ٿيا. درخواست ڏيندڙ موقف اختيار ڪيو ته ڊر ججن بابت ٽاڪ شو ڏنو آهي ته جججن ۾ هراسمينٽ آهي. جسٽس محسن اختر ڪياني پڇائو ڪيو ته ڇا توهان ڪهڙن ججن بابت ڳالهائي رهيا آهيو؟ جنهن تي درخواست ڏيندڙ چيو ته توهان ۾ انهن 5 ججن ۾ شامل آهيو ان دوران جسٽس محسن اختر ڪياني درخواست ڏيندڙ احتشام احمد تي ڪاوڙجي پيا ۽ چيو ته هتي روڪيو ۽ هڪ لفظ به وڌيڪ نه ڳالهايو پيو توهان جي انهن جي عزت نفس کي مجروح ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو اچي ۽ ٻڌائي ته ججن جي عزت نفس کي مجروح ڪيو پيو وڃي ته پوءِ تاثر ڪجهه ٻيو هوندو هن ريمارڪس ڏنا ته ڪوبه ذاتي راءِ رکي سگهي ٿو هن عدالت جي ڪا به هراسمينٽ ناهي، اسان هن عدالت ۽ هراسمينٽ جي اجازت نه ڏينداسين. بس پنهنجي ڪيس جي ڌاري ۽ رهو درخواستگذار پريس ڪلب ٻاهران ايمان مزاري جي تقرير پڙهي، جنهن تي جسٽس محسن اختر ڪياني پڇيو ته ڇا، جيڪو توهان پڙهي رهيا آهيو ان ۾ توهين عدالت ڪيئن ظاهر ٿئي ٿي؟ توهان اخبارون پڙهو ٿا، ولاگ ٻڌو ٿا، هر ڪنهن کي اظهار جي آزادي آهي. درخواستگذار چيو ته ٽرائل ڪورٽ جي ججن خلاف اهو تاثر ڏنو ويو آهي ته اهي دٻاءُ ۾ آهن. جسٽس محسن اختر ڪياني پڇيو ته ڇا ٽرائل ڪورٽ جي جج کي به ڪا شڪايت ڪئي آهي؟ جنهن تي درخواستگذار چيو ته ايمان مزاري راولپنڊي جي ٽرائل ڪورٽ بابت ڳالهايو جسٽس محسن اختر ڪياني پڇيو ته توهان جي جج جي نشاندهي ڪري رهي آهي، ان ۾ ڇا غلط آهي، سٺا جج ۽ نااهل جج آهن، هي توهين عدالت جو ڪيس ڪيئن آهي؟ جنهن تي درخواستگذار چيو ته ضلعي عدليه جي ججن بابت توهين آميز ڳالهيون ڪيون ويون آهن. جسٽس محسن اختر ڪياني پڇيو ته توهان جي ڪيس ۾ ڪو به جج شڪايت نه ڪري رهيو آهي، ڇا ڪنهن جج جا شڪايت ڪئي آهي؟ جج بار ڪائونسلن ۾ ويندا آهن ۽ تقريرون ڪندا آهن. هي پهريان ڏسندا ته درخواست قابل قبول آهي يا نه. درخواستگذار جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت درخواست کي قابل قبول قرار ڏيڻ بابت فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا 05

لاڳو ڪندڙ ادارا مظاهرين سان صبر ۽ بردباري جو مظاهرو ڪن، عوامي جذبات جو احترام يقيني بڻايو وڃي ۽ غير ضروري سختي کان پاسو ڪريو. هن چيو ته حڪومت پنهنجي ڪشميري ڀائرن جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ هر وقت تيار آهي، وزيراعظم مظاهرن دوران اڻوڻندڙ واقعن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي واقعي جي شفاف جاچ جو حڪم ڏنو ۽ احتجاجي مظاهرن سبب متاثر ٿيل خاندانن تائين فوري امداد پهچائڻ جي هدايت ڪئي. حڪومتي سطح تي مسئلن جي پرامن حل لاءِ وزيراعظم ڳالهين جي ڪميٽي ۾ واڌ جو فيصلو ڪيو آهي. ڳالهين واري ڪميٽي ۾ راڻا ثناءَالله، وفاقي وزير سردار يوسف ۽ احسن اقبال سميت اڳوڻو صدر آزاد جمون، ڪشمير مسعود خان ۽ قمرالزمان ڪائره کي به شامل ڪيو ويو آهي. وزيراعظم شهباز شريف هدايت ڪئي آهي ته ڳالهين واري ڪميٽي مظفر آباد وڃي ۽ مسئلن جو فوري طور تي حل ڪڍي، وزيراعظم ڪشمير ايڪشن ڪميٽي جي ميمبرن ۽ قيادت کي اپيل ڪئي آهي ته حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي سان تعاون ڪري. وزيراعظم شهباز شريف ملڪ واپسي تي ڳالهين جي عمل جي نگراني جو اعلان ڪندي چيو ته ڪميٽي پنهنجون سفارشون ۽ انهن جو حل بنا ڪنهن دير جي وزيراعظم آفيس ڏانهن اماڻيندي.

بقايا 06

ته پنهنجي زور تي معاملا صحيح ڪريون. پشاور ۾ پاڪستان بزنس ڪميونٽي کي خطاب ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته ايف بي آر جو ڪم هاڻ صرف ٽيڪس گڏ ڪرڻ هوندو، ايندڙ سال جي بجيٽ ٽيڪس پاليسي آفيس طرفان ڏني ويندي ۽ اهو بجيٽ مستحڪم بجيٽ هوندو، هن چيو ته ڪنهن به ملڪ جي ترقي ۾ پرائيويٽ سيڪٽر جو اهم ڪردار هوندو آهي، حڪومت کي پرائيويٽ سيڪٽر کي سازگار ماحول فراهم ڪرڻو آهي، ريگوليٽري ميٽيريل جي قيمتن ۾ گهٽ ڪيو ته جيئن انڊسٽريز هلي سگهي، پرائيويٽ سيڪٽر کي اڳيان کڻي وڃڻو آهي ته ٽيڪسز ۽ ٻين معاملن کي ڏسڻو پوندو ته جيئن ماڻهن جو ڀروسو معيشت تي قائم ٿئي. ناڻي واري وزير چيو ته گذريل ڪجهه هفتن ۾ چين، سعودي عرب ۽ ٻين ملڪن جا دورا ڪيا، اسان صرف چين ۾ 24 معاهدا ڪيا آمريڪا ۾ مختلف شعبن ۾ معاهدا ڪيا ويا، اها سرمائيڪاري تمام گهڻي اهم آهي اها هاڻ امداد نه آهي پر واپار ڪيو پيو وڃي. محمد اورنگزيب وڌيڪ چيو ته اسان کي موسمياتي تبديلي ۽ پنهنجي وڌندڙ آبادي جي چيلينج کي ڏسڻو پوندو، آبادي 2.3 سيڪڙو وڌي رهي آهي اسان جي ٻارن جو وڏو انگ غذائي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته ٻوڏ بابت فيصلو ڪيو آهي ته تڪڙي امداد نه گهرنداسين. ڪوشش آهي ته پهريان ٻوڏ متاثر علائقن ۾ پنهنجي زور تي معاملن کي صحيح ڪريون. ناڻي واري وزير چيو ته ملڪ ۾ معاشي استحڪام اچي ويو آهي، گذريل سال ناڻي جي متاستا 3 ڪروڙ ڊالر جي هئي. اسان کي اميد آهي ته هن سال ناڻي جي متاستا وڌيڪ وڌندي. جڏهن ته نجڪاري جي عمل کي حڪومتي سطح تي بهتر بنايو پيو وڃي ته جيئن سرمائيڪاري جا مثبت نتيجا جڙي سگهن.

بقايا 07

واپار جي شروعات ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ وڏي ريلي ڏٺي وئي. 800 کان وڌيڪ پوائنٽس جي واڌ سان، پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ هينڊريڊ انڊيڪس 166,504 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو اهو ياد رکڻ گهرجي ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي آخر ۾، هينڊريڊ انڊيڪس 146 پوائنٽس جي واڌ سان 165,640 پوائنٽس تي بند ٿيو ٻئي طرف، انٽربينڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڪرنسي 6 پئسا سستي ٿي وئي، ڊالر 281.31 رپين کان گهٽجي 281.25 رپين تي اچي ويو آهي.

بقايا 08

جي جج جسٽس طارق محمود جهانگيري سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو چيلينج ڪندي سپريم ڪورٽ ۾ استدعا ڪئي آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جو 25 سيپٽمبر جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس ۾ ڌر بڻجڻ جي درخواست رد ڪئي، متاثر ڌر کي ٻڌڻ کان سواءِ هڪ طرفو فيصلو قانون جي خلاف آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ درخواست ٻڌڻ جوڳي هجڻ جو معاملو به نظر انداز ڪيو. درخواست ۾ سنڌ ايجوڪيشن ڪميشن، ڪراچي يونيورسٽي، پيمرا ۽ ٻين کي ڌر بڻايو ويو آهي. جسٽس طارق محمود جهانگيري طرفان داخل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواستگذار کي ڌر ناهي بڻايو ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ کي فيصلو ڪرڻ کان اڳ درخواستگذار کي ڌر بڻجڻ ۽ وڪيل ڪرڻ جي مهلت به نه ڏني وئي. درخواستگذار جي ڊگري جو معاملو عدالت کان استدعا ۾ وڌيڪ بينچ ۾ مقرر نٿي ٿي سگهيو عدالت کان استدعا ڪئي وئي آهي ته درخواستگذار موجوده جج هجڻ سان گڏوگڏ هائيڪورٽ بار ڪونسل جو عهدي تي به فائز رهيو آهي. درخواستگذار جي ڊگري ملتوي ڪرڻ بدنيتي ۽ غيرقانوني عمل تي ٻڌل آهي.

بقايا 09

بازيابي ۾ مدد لاءِ سنڌ پوليس کي خط لکيو آهي، جڏهن ته ان جي جڳهه ڪراچي ڪينٽ تي ٽريڪ ڪئي وئي آهي، ڪاري رينج روور گاڏي 22 نومبر 2022 تي انگلينڊ جي هاروگيٽ مان چوري ڪئي وئي هئي ۽ هاڻي ان جي جڳهه ڪراچي ڪينٽ تي ٽريڪ ڪئي وئي آهي، برطانوي پوليس موجب، گاڏي ۾ ٽريڪر لڳايو ويو هو ۽ ان کي لينڊز تائين ٽريڪ ڪيو ويو آهي ته ڪو فوربلرز جي بازيابي ۾ برطانيه پوليس جي مدد ڪئي وڃي.

بقايا 10

ويندو ان کان اڳ سمنڊ ذريعي غزه لاءِ انساني همدردي هيٺ امدادي سامان کڻي ويندڙ ٻيڙين جي قافلي تي اسرائيلي فوج جي حملي جي خبر آئي هئي. فلوٽيلا جي ترجمان سيف ابوڪيشڪ انسٽاگرام پوسٽ ذريعي ٻڌايو آهي ته اسرائيلي نيوي واٽرڪينن فائر ڪندي 13 ٻيڙين ۾ 201 مسافرن کي گرفتار ڪيو آهي، جن ۾ پاڪستان جو سينيٽر مشتاق احمد خان، سيد عذير نظامي، سوئيڊن جي نامياري انساني حقن جي ڪارڪن گريٽا ٿنبرگ سميت سندس ساٿين کي حراست ۾ ورتو آهي ۽ ڪين اسرائيلي بندرگاهه منتقل ڪيو پيو وڃي. پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ اسرائيلي فوج جي ٻڌلائي ڪاروائي جي مذمت ڪندي چيو آهي ته امدادي قافلو پرامن آهي، جنهن ۾ 44 ملڪن جي 40 ٻيڙين واري فلوٽيلا ۾ 450 کان مٿي انساني حقن جا ڪارڪن شامل آهن الجزيره جي ندا ابراهيم، اسرائيلي ميڊيا جو حوالو ڏيندي ٻڌايو آهي ته عالمي صمود فلوٽيلا جي 13 ٻيڙين کي اسرائيلي فوج روڪي ڇڏيو آهي ۽ امڪان آهي ته وڌيڪ ٻيڙين کي به روڪيو ويندو ۽ انهن ۾ سوار امدادي ڪارڪن کي گرفتار ڪيو ويندو هن ٻڌايو آهي ته فلوٽيلا جي حفاظت ۽ معلومات گڏ ڪندڙ ٻيڙي مورگانا اسرائيلي فوج کي چڪمو ڏئي کسڪي وئي آهي. قافلي ۾ شامل ٻيڙيون غزه طرف وڌي رهيون آهن ۽ رڳو 50 ناٽيڪل ميل جي فاصلي تي آهن. الجزيره پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته ”اسرائيلي فوجين ساموندي جهازن ۽ ٻيڙين تي سوار ٿي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي گرفتار ڪيا ويا آهن. اهي عام طور تي هڪ قانوني عمل مان گذرندا آهن. پر اسرائيل في الحال يوم ڪپور جي موڪل سبب تقريباً مڪمل طور تي بند آهي.“ ندا ابراهيم موجب ”ان جو مطلب آهي ته عدالتون ۽ جيل انتظاميا ڪم نه پيا ڪن. جنهن ڪري گرفتار ڪارڪن هڪ بي يقيني واري حالت ۾ آهن. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اسرائيل جي پرڏيهي وزارت موڪل دوران به ڪم ڪندي رهي آهي ۽ فلوٽيلا بابت بيان جاري ڪري رهي آهي.“ ٻيڙين ۾ سوار 40 کان وڌيڪ ملڪن جي شهرين سوشل ميڊيا ذريعي دنيا ڀر جي ماڻهن کي اپيل ڪئي آهي ته هو روڊن تي نڪرن، اسرائيلي سفارتخانن جي سامهون احتجاج ڪن. شهرن کي بلاڪ ڪن جيئن دنيا جو اسرائيلي ظلمن خلاف ڌيان ڇڪائي سگهجي. جنهن بعد يونان، اٽلي، اسپين، ترڪيه سميت دنيا جي مختلف ملڪن جي شهرن ۾ احتجاجي جلوس به نڪتا آهن. ٻئي پاسي پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جاري ڪيل بيان ۾ اسرائيلي حملي ۽ گرفتارين جي مذمت ڪندي چيو آهي ته امدادي ڪارڪنن جي گرفتاري انسانيت خلاف ڏوهه آهي.

بقايا 11

ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب اوٿل ۾ زيرو پوائنٽ پرسان مسافر ڪوچ ۽ پٿرن سان ڀريل ٽرڪ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 6 مسافر فوت ۽ عورتن ۽ ٻارن سميت 17 مسافر زخمي ٿي پيا، لاشن ۽ زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا 12

نو ۽ مرمت جو ڪم جاري آهي، جنهن جو ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان يوسي چيئرمين توفيق الدين صديقي، يوسي ڪوآرڊينيٽر عبدالحسيب، ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ اينڊ روڊ عبدالرحمان بگٽي ۽ ٻين ٽي ايم سي آفيسرن سان گڏ دورو ڪيو ان موقعي تي ٽائون چيئرمين ظفر احمد خان، يوسي چيئرمين توفيق الدين صديقي تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو عمر فاروق پارڪ جي داخلا گيٽ جي تعميراتي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪم جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا.

بقايا 13

سون 2 هزار 144 رپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ 3 لک 49 هزار 603 رپين جو ٿي ويو آهي، جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو اگهه 25 ڊالر لهڻ کانپوءِ 3865 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 14

100 سيڪڙو واجبات وصول ڪيا وڃن. حيسڪو انتظاميا، ڊي ايس يو جي مدد سان، علائقي جي مختلف سب ڊويزن ۾ بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرز خلاف ڪاروائي ڪئي، جن ۾ لياقت ڪالوني، رضوي، چمبڙ، ٽنڊو شاهپور چاڪر ميرپور خاص سٽي ۽ ميرواهه گورچاڻي شامل آهن علائقي ۾ 91 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، 440 ميٽر يو سي ضبط ڪيا ويا، جڏهن ته 27 لک 6 هزار رپين کان وڌيڪ واجبات وصول ڪيا ويا، 19 جنوري 2025 تي شروع ٿيندڙ آپريشن دوران، هاڻي تائين 26,612 غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا آهن، جڏهن ته 675 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، 1,507 ايف آءِ آرز، 173486 يو سي ميٽر ڪٽيا ويا آهن، 729 ٽرانسفارمر ڪٽيا ويا آهن، جڏهن ته واجبات مان 6369 ملين 5 هزار رپين کان وڌيڪ وصول ڪيا ويا آهن. تفصيل موجب، ايس اي آپريشن سرڪل حيدرآباد سهيل احمد شيخ جي هدايت تي، ڊويزن لطيف آباد اڄي سب ڊويزن رضوي، ڊويزن گدي خطا جي سب ڊويزن لياقت ڪالوني، ڊويزن چمبڙ جي سب ڊويزن ٽنڊو الهيار، 64 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، قائد آباد، مدينه مسجد، لطيف آباد يونٽ نمبر 7 ۽ چمبڙ ۾ آپريشن دوران 335 ميٽر غير قانوني بجلي جي تار ڪٽيا ويا ۽ حراست ۾ ورتا ويا، جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 1110 هزار رپين کان وڌيڪ وصول ڪيا ويا. ڊويزن ٺٽي جي سب ڊويزن ٺٽي جي ايس اي آپريشن سرڪل لاڙڪانا حماد دستي جي هدايت تي، ٺٽي جي ٽائون ٺٽي ۾ آپريشن دوران 15 غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا. ڪنيڪشن، 65 ميٽر غير قانوني تار ڪٽيا ويا ۽ قبضي ۾ ورتا ويا، جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 660,000 کان وڌيڪ وصول ڪيا ويا. آپريشن سرڪل نواب شاهه فرمان علي ڏاهاڻي جي هدايتن تي، ڊويزن سانگهڙ جي شاهپور چاڪر سب ڊويزن جي ڳوٺاڻي علائقن ۾ آپريشن دوران 6 غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 600,000 کان وڌيڪ وصول ڪيا ويا. ايس اي آپريشن سرڪل ميرپور خاص امير احمد ميمڻ جي هدايتن تي، ميرپور خاص سب ڊويزن شهر ۽ ڊويزن ميرپور خاص جي ميرواهه گورچاڻي جي مختلف علائقن ۾ آپريشن دوران 6 غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، جڏهن ته 40 ميٽر غير قانوني بجلي جي تار ڪٽيا ويا ۽ قبضي ۾ ورتا ويا، جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 400,000 کان وڌيڪ وصول ڪيا ويا. ياد رهي ته حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي، ڊيفالٽرز ۽ بجلي چورن خلاف بي رحم ڪاروائي ڪئي پئي وڃي. 100 سيڪڙو واجبات وصول ڪيا پيا وڃن. وصولي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ صارفين کي فوري طور تي پنهنجا بجلي جا واجبات ادا ڪرڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ بجلي ڪٽي ويندي ۽ صارف کي گرفتار ڪرڻ لاءِ قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. بجلي چور ملڪ ۽ قوم جو مجرم آهي، تنهن ڪري ان کي ڪنهن به حالت ۾ نه بخشيو ويندو ان سان گڏ، مختلف سب ڊويزن بلن جي ادائيگي لاءِ پنهنجن لاڳاپيل علائقن ۾ اعلان جو هڪ سلسلو جاري ڪيو آهي.

بقايا 15

انٽرويو دوران صدر چيو ته اسان جي جاگرافيائي بيهڪ گڏيل مفاد تي ٻڌل لاڳاپن جي حوالي سان اهميت رکندڙ آهي، ايندڙ نسلن کي باور ڪرائڻو آهي ته پنهنجي وسيلن جي بهتر استعمال سان پائيداري حاصل ڪري سگهو ٿا. هن چيو ته پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ تعاون ۽ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن. پاڻي جي انتظام، آفتن جي روڪٿام ۽ جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جو فروغ وقت جي گهرج آهي، پاڻي جي بچت ۽ مؤثر استعمال جي لاءِ آبپاشي جي جديد طريقن کي اختيار ڪرڻو پوندو صدر آصف علي زرداري چيو ته زرعي شعبي ۾ پائيدار ٽيڪنالاجي آهي ته جيئن پنهنجي مستقبل کي محفوظ بڻائي سگهون. هن چيو ته زرعي شعبي ۾ چين جي تجربن مان فائدو کڻنداسين. صدر چيو ته ترقي سڀني جو حق آهي، چين سان اسان جو تعاون هاڻي خلا تائين پهچي چڪو آهي، صدر چيو ته اسان پرامن گڏيل بقاءَ تي يقين رکون ٿا، هاڻي جنگين جو نه معاشي ترقي جو سوچڻو پوندو هن چيو ته اسان هر طرح جي حالتن ۾ چين سان گڏ بيٺل آهيون، سڀني کي هڪ ٻئي جي خودمختياري جو احترام ڪرڻو پوندو چين جو مستقبل روشن آهي. يورو ايشيا ان سان گڏجي ڪم ڪندو هن چيو ته چين جا منهنجا دورا سدائين خيرسگالي جي لاءِ هوندا آهن چين جي معيشت مضبوط ٿي جنهن جي ڪري عوام وڌيڪ خوشحال، مطمئن ۽ خوش آهي. هن چيو ته چين هاڻي بلڪل بدلجي چڪو آهي، 14 سال اڳ جڏهن هتي آيو هئس ته بلڪل مختلف هو 16 کان 17 ڀيرا چين جو دورو ڪري چڪو آهيان ۽ اها ئي پنهنجائپ هر ڀيري ملي ٿي، چين جي عوام جي محبت مون کي بار بار هتي وٺي اچي ٿي. صدر آصف علي زرداري چين جي ترقي جي سفر ۽ پاڪ چين سمورين موسمن جي اسٽريٽجڪ تعاون تي ٻڌل حصيداري جي ساراهيندي تعليم، زراعت، توانائي ۽ رابطي جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو هن چين جي يورپ ۾ قائداڻي ڪردار کي ساراهيو ۽ صدر شي جن پنگ جي عالمي حڪمراني جي اڳڀرائي سميت انهن قدمن کي ساراهيو جن جو مقصد گڏيل خودمختياري جو احترام آهي. صدر انٽرويو دوران پنهنجي ۽ پنهنجي وفد جي شاندار استقبال کي پڻ ساراهيو صدر چيو ته چين جي جنهن علائقي ۾ به ويس، مون کي ڀرپور پيار مليو آهي، ان لاءِ چيني محبت مون کي بار بار هتي ڇڪي اچي ٿي. هن چيو ته اهو منهنجو چين جو 17 هون دورو آهي جنهن دوران هو چينگبو ۽ شنگهائي پڻ ويو هن اقتصادي تعاون جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو ته اسان کي اقتصادي سوچ سان اڳتي وڌڻو آهي ۽ زراعت جي شعبي ۾ في ايڪڙ پيداوار ۽ پاڻي جي انتظام ۾ بهتري آڻي زرعي شعبي ۾ پائيداري حاصل ڪرڻ آهي جنهن جي لاءِ خلائي ٽيڪنالاجي جي حوالي سان چين سان معاهدي جو پڻ ورجاءُ ڪيو صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان ۽ چين هر موسم ۾ اسٽريٽجڪ تعاون جا حصيدار هجڻ کانسواءِ عوام جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپن جي حوالي سان پڻ هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل آهن. هن چيو ته دنيا ۾ جتي به وڃان ٿو منهنجو پهريون موقف اهو هوندو آهي ته چين جو احترام ڪريو. ان جي عوام، ان جي ٽيڪنالاجي، هر شيءِ دنيا جي احترام جي لائق آهي. چين پاڪستان اقتصادي لنگهه (سي پيڪ) جي حوالي سان صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان چين جي ويجهي ترين بندرگاهه آهي ۽ گوادر پورٽ جي ترقي نوجوانن جي لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا آهن ۽ وڌيڪ ڪندو. واپار ۽ انفراسٽرڪچر تي مرڪوز ڪري علائقائي ترقي کي فروغ ڏنو آهي. هن چيو ته ان ڪري منهنجي لاءِ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ جي تمام گهڻي اهميت آهي ته بلوچستان محفوظ ٿي. ڇو ته اسان ڳالهه تائين هلائي توهان تائين پهچي سگهون ٿا ۽ توهان اسان تائين پهچي سگهو ٿا. تنهن ڪري اهو هڪ شاندار مستقبل جو تصور آهي. صدر آصف علي زرداري چين جي شمسي ۽ هوائي توانائي جي مهارت ۽ هائيڊرو پاور جي مستقبل ۾ ڀائيواري جي طور تي استعمال جو حوالو ڏيندي ان شعبي ۾ ٻطرفي تعاون جي فروغ جي ضرورت تي زور ڏنو چين جي تيز رفتار ٽرين ۾ سفر جي پنهنجي تجربي جو ذڪر ڪندي هن چيو ته هو سنڌ حڪومت کي ڪراچي ۽ حيدرآباد کي اهڙي تيز ٽرين سان ڳنڍڻ جي لاءِ راضي ڪندو جنهن سان سفر جو وقت اڍائي ڪلاڪن کان گهٽ ٿي 20 منٽ رهجي ويندو ان منصوبي جي 60 سيڪڙو مالي مدد پاڪستان ڪندو جڏهن ته چين 40 سيڪڙو آسان شرطن تي قرض فراهم ڪندو ۽ ان کي هلائيندو تعليمي تعاون بابت صدر چيو ته هو چين ۾ نرسن کي تربيت جي لاءِ موڪلڻ جو خواهشمند آهي جنهن جي مالي مدد سنڌ حڪومت ڪندي جڏهن ته زمين ۽ عمارتون به مهيا ڪيون وينديون ۽ چيني ٽرينر پري پري کان به چين جي طبي مهارت شيئر ڪري سگهن ٿا. رستي جي رابطن ۾ بهتري جي اهميت جو حوالو ڏيندي هن چيو ته چيني سدائين اسان جي مدد ڪرڻ جي لاءِ رضامند رهندا آهن ۽ اسان چين جي مدد ڪرڻ جي لاءِ رضامند آهيون، تنهن ڪري اسان کي اميد آهي ته اهو رستو بهتر ٿي ويندو ته جيئن اسان وڌيڪ واپار ڳالهه ٻولهه ڪري سگهان ۽ هوائي جهاز وٺڻ بدران گاڏي هلائي چين اچي سگهان.

بقايا 16

کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته جيڪڏهن ڪو پنجاب کي نشانو بڻائيندو ته جواب ڏينديس، وزيراعليٰ طور مان نه ڳالهائيندس ته ڪير ڳالهائيندو؟ ان تي مان ڪڏهن به معافي نه وٺنديس، 9 مئي واقعن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته جيڪو توهان کي ڀڃ ڊاهه لاءِ اڪسائي اهو توهان جو سڀ کان وڏو دشمن آهي، 9 مئي تي ٻارن کي ملڪ تي حملو ڪرڻ جو چيو ويو پر انهن جا پنهنجا ٻار ٻاهر ويٺا آهن، حملو ڪندڙ ٻار جيلن ۾ رُلي ويا.

بقايا 17

۾ عظميٰ بخاري چيو ته پ پ جي سنڌ ۾ 17 سالن کان حڪومت آهي ۽ مريم نواز جي پنجاب ۾ حڪومت کي ٻه سال به ناهن ٿيا، توهان 17 سالن ۾ پنهنجا 17 عوامي ڀلائي جا منصوبا نٿا ڳڻائي سگهو جڏهن ته مريم نواز ڏيڍ سال ۾ 90 منصوبا شروع ڪري ڇڏيا، جن مان 50 مڪمل ٿي چڪا آهن، ڪراچي جا ماڻهو پاڻ لاهور جي روڊن ۽ صفائي جي تعريف ڪندا آهن. هن چيو ته مريم نواز پنجاب جي ٻوڏ متاثرن کي 10_10 لکن جا امدادي چيڪ ڏئي رهي آهي، مان شرميلا فاروقي سان مناظري لاءِ تيار آهيان، اچو ڪارڪردگي ۾ مقابلو ڪيون.

بقايا 18

آهن. هن اهڙن خيالن جو اظهار چيني قونصل جنرل يانگ ينگ دونگ سان گڏ اليڪٽرڪ گاڏين ڪمپني جي صنعتي پارڪ جو دورو ڪرڻ کان پوءِ منصوبي تي بريفنگ دوران ڪيو گورنر سنڌ کي ٻڌايو ويو ته ڪراچي پورٽ قاسم ۾ قائم صنعتي پارڪ ۾ بنيادي سهولتون موجود آهن. صنعتي پارڪ ۾ درجنين چيني انجنيئر ۽ مزدور رهائش پذير آهن. جن جي سيڪيورٽي لاءِ اثرائتا انتظام پڻ ڪيا ويا آهن. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ماحول دوست ٽيڪنالاجي جو فروغ اهم آهي. چين جي قونصل جنرل چيو ته پاڪستان چيني سيڙپڪارن لاءِ هڪ پرڪشش مارڪيٽ آهي. بجلي وارين گاڏين سميت ڪيترن ئي شعبن ۾ سيڙپڪاري جا موقعا موجود آهن.

بقايا 19

جو حڪم ڏنو آهي، هن آءِ جي اسلام آباد کي چيو آهي ته ذميوارن جو تعين ڪيو وڃي. هن جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته صحافي برادري خلاف تشدد ڪنهن به صورت قبول ناهي. ٻئي پاسي انساني حقن جي ڪميشن پاران جاري ڪيل بيان ۾ واقعي جي مذمت ڪندي ذميوارن خلاف ڪاروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي. گهرو کاتي جي مملڪتي وزير طلال چوڌري صحافين جي اڳواڻ افضل بٽ سان گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ غير مشروط معافي گهرندي واقعي جي نه رڳو مذمت ڪئي پر مڪمل جاچ جي به خاطري ڪرائي. اطلاعات جي وفاقي وزير عطا تارڙ به واقعي جي مذمت ڪندي چيو ته هو صحافين سان گڏ آهي، حڪومت پريس ڪلب تي پوليس چڙهائي جي اجازت ناهي ڏني. افضل بٽ چيو آهي ته هي غيرمعمولي واقعو آهي، اسلام آباد پريس ڪلب تي پوليس حملو ڪيو آهي، سڀاڻي لاهور، ڪراچي، ڪوئٽا ۽ پشاور تي به ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته اسين سڀني شهرن جي ساٿين جي مشاورت بعد احتجاج ۽ مطالبن جي فهرست پيش ڪنداسين. ان کان اڳ اسلام آباد پوليس نيشنل پريس ڪلب ۾ داخل ٿي، ڪيفيٽيريا ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي، پوليس تشدد جي ڪوريج ڪندڙ صحافين کي روڪيو ۽ هال ۾ داخل ٿي هڪ شخص کي فرش تي ڪيرائي مٿس چار کان پنج اهلڪارن لٺيون وسايون. هڪ فوٽو گرافر جي ڀيان کان شرٽ ڦاڙي سندس ڪيمرا پوليس ڀڃي ڇڏي. آزاد ڪشمير عوامي ايڪشن ڪميٽي جي سرپرستي ۾ اسلام آباد ۾ نيشنل پريس ڪلب جي ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (پي ايف يو جي) جي صدر افضل بٽ جو چوڻ آهي ته پريس ڪلب جي عهديدارن سان رابطو نه ڪيو ويو ته پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ملازمن تي تشدد ڪيو ويو افضل بٽ چيو ته پوليس کي پريس ڪلب ۾ داخل ٿيڻ جو جواب ڏيڻو پوندو ۽ پوليس جي هن ڪاروائي خلاف سخت احتجاج ڪنداسين. پوليس ڪئميرامينن جا ڪيمرا ۽ موبائل فون کسڻ جي ڪوشش ڪئي، پاڪستان جي انساني حقن جي ڪميشن پريس ڪلب ۾ پوليس تشدد جي مذمت ڪئي ۽ چيو ته پريس ڪلب ۾ پوليس تشدد جي واقعي جي فوري جاچ ڪئي وڃي ۽ تشدد جي ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 20

ٻيڙين 40 کان وڌيڪ ٻيڙين تي ٻڌل گلوبل فلوٽيلا کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو ۽ ڪيترين ئي ٻيڙين تي پاڻي جون توپون هلائي ڇڏيون. غزا جي عوام لاءِ امداد کڻي ويندڙ فلوٽيلا تي پاڪستان جي اڳوڻي سينيٽر مشتاق احمد ۽ جڳ مشهور سماجي اڳواڻ گريٽا ٿنبرگ سميت 500 کان وڌيڪ ماڻهو سوار آهن. فلوٽيلا انتظاميا موجب اسرائيلي فوجي هڪ جهاز ۾ داخل ٿيا ۽ جهاز تي سوار سڀني ميمبرن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو پاڪ فلسطين فورم طرفان سوشل ميڊيا تي دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اڳوڻي سينيٽر مشتاق احمد کي به قابض اسرائيلي فورسز حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف اسرائيل طرفان گلوبل صمود فلوٽيلا تي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي سينيٽر مشتاق احمد سميت سڀني ماڻهن جي فوري طور آزادي جو مطالبو ڪيو آهي. گلوبل صمود فلوٽيلا طرفان ٻڌايو ويو آهي ته اسرائيلي بحريا جي مسلسل ڪاروائين باوجود گلوبل صمود فلوٽيلا جون 30 ٻيڙيون غزا ڏانهن وڌي رهيون آهن. هوڏانهن انساني حقن جي عالمي تنظيم ايمنسٽي انٽرنيشنل گلوبل صمود فلوٽيلا جي تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 21

استادن جون بدليون ڪيون ويون آهن. ترجمان ٻڌايو ته ايس ٽي آرٽ ڪا بدلين سبب 1320 بند اسڪول ٻيهر کلي ويندا، اهي اسڪول استادن جي ريٽائرمينٽ يا لاڳاپيل سبب بند ٿي ويا هئا. نوٽيفڪيشن موجب انهن بدلين سان 1550 اسڪولن ۾ استادن جي کوٽ پوري ٿي ويندي، جڏهن ته هڪ استاد تي ٻڌل 1328 اسڪولن ۾ تدريسي عملي جو انگ وڌايو ويو آهي. ترجمان چيو ته ويڊ لاڪ بنيادن تي 1671 استادن جي بدلي ٿي، 1198 عورتن ۽ 473 مرد استادن جا مسئلا حل ڪيا ويا آهن.

بقايا 22

۾ واڌ ٿي آهي. پي بي ايس ٻڌايو آهي ته هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ واپاري خساري ۾ 32.92 سيڪڙو واڌ ٿي آهي، جولاءِ کان سيپٽمبر 2025 تائين واپاري خسارو 9 ارب 36 ڪروڙ 80 لک ڊالرن تي پهچي ويو. جولاءِ کان سيپٽمبر 2025 تائين درآمدون 13.49 سيڪڙو وڌي ويون، ان دوران درآمدن جو ڪاٿو 16 ارب 97 ڪروڙ 10 لک ڊالر رهيو. سيپٽمبر 2025ع ۾ درآمدون 5 ارب 84 ڪروڙ 50 لک ڊالر رهيون. جولاءِ کان سيپٽمبر تائين ملڪي برآمدون 3.83 سيڪڙو گهٽ ٿيون. پهرين ٽن مهينن ۾ برآمدون 7 ارب 60 ڪروڙ 30 لک ڊالر رهيون. سيپٽمبر ۾ ساليانه بنيادن تي برآمدن ۾ 11.71 سيڪڙو گهٽتائي ٿي.

بقايا 23

جو جائزو ورتو ويو، جنهن دوران کنڊ جي وڌيڪ درآمد روڪڻ جو فيصلو ڪيو ويو اختيارين جو چوڻ آهي ته ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان ذريعي وڌيڪ کنڊ درآمد نه ڪئي ويندي، ملڪ ۾ کنڊ جا ذخيرا وڏي مقدار ۾ موجود آهن، وڌيڪ درآمد ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اختيارين موجب کنڊ جي درآمد 3 لک ميٽرڪ ٽن جي موجوده معاهدن تائين محدود رهندي، 3 لک ميٽرڪ ٽن کنڊ جا آرڊر اڳ ئي ڏنا ويا آهن. واضح رهي ته ان کان اڳ حڪومت 5 لک ٽن کنڊ درآمد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

بقايا 24

جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي. جڏهن ته زخمين ۾ 50 عام شهري به شامل آهن. اختيارين عوام کان اپيل ڪئي آهي ته هو سوشل ميڊيا تي مخصوص ايجنڊا هيٺ ڦهلائي ويل فيڪ نيوز تي ڌيان نه ڏين. آزاد ڪشمير جي صورتحال بابت اڄ اسلام آباد ۾ اهم اجلاس طلب ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اهم فيصلا ڪيا ويندا. ياد رهي ته حڪومت هڪ ڀيرو ٻيهر عوامي ايڪشن ڪميٽي کي ڳالهين جي آڇ به ڪئي آهي. پارليماني معاملن جي وفاقي وزير طارق فضل چوڌري، وزيراعظم آزاد ڪشمير چوڌري انور الحق سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي گذريل رات چيو هو ته ايڪشن ڪميٽي جا 90 سيڪڙو مطالبا آزاد ڪشمير حڪومت اڳ ۾ ئي تسليم ڪري ڇڏيا هئا. هن چيو ته 2 اهڙا مطالبا هئا جن لاءِ آزاد ڪشمير جي آئين ۾ ترميم ڪرڻي پوندي، جن ۾ مهاجرن جون سيٽون ختم ڪرڻ ۽ وزيرن جي تعداد ۾ گهٽتائي ڪرڻ شامل آهن. هن وڌيڪ چيو ته اسان انهن ٻن مطالبن تي به کليل دل سان ڳالهين لاءِ تيار آهيون، هاڻي به گذارش آهي ته جڏهن 90 سيڪڙو مطالبا مڃيا ويا آهن ته باقي ٻن تي به ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي هوڏانهن وزيراعظم جي حڪم تي قائم اعليٰ سطحي ڪميٽي مظفر آباد پهتي آهي ته جنهن آزاد ڪشمير ۾ جاري ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ اعليٰ سطحي سرڪاري وفد جوائنٽ پبلڪ ايڪشن ڪميٽي (جي پي اي سي) سان باضابطه ڳالهيون شروع ڪري ڇڏيون آهن. تفصيل موجب، پارليماني معاملن واري وزير طارق فضل چوڌري ايڪس تي پوسٽ ڪيو ته ”پاڪستان جي هڪ اعليٰ سطحي وفد اڄ مظفر آباد ۾ آزاد ڪشمير جي جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي نمائندن سان باضابطه ڳالهيون شروع ڪري ڇڏيون آهن. آزاد ڪشمير ۾ پناهگيرن لاءِ خاص مراعات ۽ مخصوص سيٽن تي ڳالهيون ناڪام ٿيڻ کان پوءِ موبائل ۽ انٽرنيٽ سروس معطل ڪئي وئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ احتجاج ۽ پرتشدد واقعا ٿيا آهن.

بقايا 25

موجود هوا جو واضح گهٽ دٻاءُ ڊپريشن ۾ تبديل ٿي ويو، جنهن جي اثر هيٺ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، جامشورو، ٺٽي ۽ ٻين شهرن ۾ آنڌاري ۽ برسات جو امڪان آهي، موسمياتي کاتي سمنڊ ۾ چاڙهه کي ڏسندي ماهيگيرن کي 3 آڪٽوبر تائين سمنڊ ۾ وڃڻ کان منع ڪيو آهي.

بقايا 26

ميمڻ ملاقات ڪئي سنڌ سان تعلق رکندڙ ناليواري ڪوهه پيماءَ اسد علي ميمڻ، جيڪو دنيا جي بلند ترين چوٽي تي پهچڻ سان گڏوگڏ دنيا جي ڇهن براعظمن جون بلند ترين چوٽيون پار ڪري چڪو آهي، گذريل ڏينهن سعيد غني سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي، اسد علي ميمڻ دنيا جي ڇهن براعظمن جون چوٽيون ڪاميابي سان پار ڪرڻ بعد هاڻي ستين براعظم انٽارڪٽيڪا جي بلند ترين چوٽي پار ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. ان موقعي تي اسد علي ميمڻ پنهنجي ايندڙ مهم جي آفيشل ڪٽ صوبائي وزير سعيد غني کي پيش ڪئي، صوبائي وزير سعيد غني سنڌ ڌرتي سان تعلق رکندڙ بهادر نوجوان لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته ”اسين دعاگو آهيون ته اسد علي سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو نالو بلند ڪرڻ لاءِ سڀ بلنديون ڪاميابي سان سر ڪري.“

بقايا 27

ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته اهي قدم انساني جانين جي حفاظت، شهري سلامتي ۽ تعميراتي عمل ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ کنيا پيا وڃن. ڊائريڪٽر جنرل صوبي جي سڀني خطرناڪ عمارتن جو جامع سروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ هدايت ڪئي ته غيرقانوني ۽ بي ضابطه تعميرات کي فوري طور روڪيو وڃي. موقعي تي ڊاهي پٽ ڪيو وڃي، هن بلڊنگ انسپيڪٽرن، سينيئر انسپيڪٽرن، اسسٽنٽ ڊائريڪٽرن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽرن کي پنهنجي حدن ۾ باقاعده نگراني ڪرڻ لاءِ چيو ته جيئن خطرناڪ عمارتن ۽ تعميراتي پيچيدگين جي نشاندهي وقت سر ٿي سگهي. آفيسرن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ ڊائريڪٽر جنرل اعلان ڪيو ته فيلڊ آفيسرن لاءِ هڪ گريڊنگ سسٽم تيار ڪيو ويندو جيڪو انهن جي ذاتي پروفائيل ۾ شامل ٿيندو سڀني فيلڊ آفيسرن کي پابند ڪيو ويو آهي ته هو روزانو پنهنجي سرگرمين جو رڪارڊ هڪ فيلڊ بڪ ۾ درج ڪن، جيڪا سندن ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ بنيادي حوالو هوندي. مزمل حسين هاليپوٽو آءِ ٽي سيڪشن کي هدايت ڪئي ته خطرناڪ عمارتن ۽ ڊاهيل غيرقانوني تعميرن جو جامع ڊيٽابيس تيار ڪيو وڃي ۽ روزانو بنيادن تي اپڊيٽ ڪيو وڃي، جيئن نگراني جو عمل شفاف ۽ وڌيڪ مؤثر بڻجي سگهي. هن وڌيڪ چيو ته جديد ڊجيٽل مانيٽرنگ سسٽم پڻ متعارف ڪرايو ويندو ته جيئن فيلڊ ڪاروايون وڌيڪ اثرائتيون بڻجن. ڊائريڪٽر جنرل واضح ڪيو ته وقت سر رپورٽ جمع نه ڪرائڻ يا فرض ۾ غفلت برتڻ وارن آفيسرن خلاف اي اينڊ ڊي رولز تحت سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته سڀئي آفيسر پنهنجي حاضري کي يقيني بڻائڻ ۽ روزانو صبح 9 وڳي آفيسن ۾ موجود هجڻ ڊي جي ايس بي سي اي چيو ته اهي قدم حڪومت جي شفافيت، ڪارڪردگي ۽ عوامي خدمت جي ويزن جو حصو آهن. هن وڌيڪ چيو ته: ”اسان جي پهرين ترجيح شهرين جي جانين جي حفاظت آهي ۽ ڪنهن به غيرقانوني يا خطرناڪ تعمير کي برداشت نه ڪيو ويندو.“

بقايا 28

پٽيشن داخل ڪري ڇڏي آهي ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهان موقف اختيار ڪيو ته يوسي 8 بلديه ٽائون ۾ ٿيل چونڊن دوران وڏي پئماني تي بي ضابطگيون ڪيون ويون ۽ جعلي ووٽ وڌا ويا، جن جي نتيجي ۾ پيپلزپارٽي جو اميدوار کٽايو ويو هن چيو ته چونڊ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي ۽ سمورا ثبوت اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرايا آهن هن الزام هنيو ته ريٽرننگ آفيسر پيپلزپارٽي جي اميدوار کي کٽائڻ لاءِ سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪيو.

بقايا 29

سيلاب دنيا جي وڏين وڏين شهنشاهتن کي به لوڙهي ويندا آهن ان ڪري وقت جي حڪمرانن کي هوش کان ڪم وٺندي رشوت جي آزار ۽ ملازمتن جي سرعام وڪري کان ڪنارو ڪندي ميرٽ جي بدترين لتاڙ کان گريز ڪرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار معروف عالم دين علامه الماز حسن قمي اي بي اي پاس امدوارن جي احتجاجن تي بار بار وحشاڻي حڪومتي تشدد جي مذمت ڪندي ڪيو هن چيو ته جڏهن رشوت ۽ سفارش جي بنيادن تي 33 مارڪس کڻندڙ امدوارن کي جوائننگ آرڊر ڏنا پيا وڃن ته پوءِ 40 مارڪس کڻندڙ امدوارن کي ملازمتن کان محروم رکڻ ۽ پنهنجو حق گهرڻ لاءِ احتجاج تي مجبور ٿيندڙن تي غير انساني وحشاڻو تشدد ڪٿان جي انسانيت آهي! علامه الماز حسن قمي مطالبو ڪيو ته نه صرف 40 مارڪس پاس امدوارن کي فورن آرڊر ڏنا وڃن پر ٽائم پيريڊ ۾ به 6 مهينن جو اضافو ڪيو وڃي هن چيو ته اگر قوم جي مستقبل جي معمار نوجوانن سان ناانصافيون ۽ مٿن ظلم ۽ تشدد وارو سلسلو ائين ئي جاري رکيو ويو ته پوءِ قوم پنهنجي مستقبل جي معمارن سان انهن احتجاجن ۾ شريڪ ٿيڻ تي مجبور هوندي ۽ جڏهن ان احتجاج عوامي احتجاج وارو روپ اختيار ڪري ورتو ته پوءِ اهو عوامي احتجاج اقتداري ايوانن کي لوڙهي ويندو

بقايا 30

سيڪشنز مان چالان مشينون به جمع ڪيون ويون آهن ۽ ٽريفڪ پوليس کي بائيڪ لفٽنگ کان به روڪيو ويو آهي. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جو چوڻ آهي ته بنا لائسنس جي موٽر سائيڪل هلائڻ تي 20 هزار رپيا ڏنڊ هوندو. ڪراچي ۾ اي چالان تي عملدرآمد شروع ٿيڻ کانپوءِ پهرين آڪٽوبر کان ٽريفڪ پوليس اهلڪارن کي چالان ڪرڻ کان روڪيو ويو هو آءِ جي سنڌ جي فيصلي تي ڊي آءِ جي ٽريفڪ سڄي شهر مان ٽريفڪ پوليس جا ناڪا ختم ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ڊي آءِ جي ٽريفڪ حڪم ڏنو آهي ته اي چالان جي پريڪٽس لاءِ ڪو ٽريفڪ اهلڪار ڪنهن به گاڏي کي نه روڪي سگهي، سڄي شهر جي ٽريفڪ سيڪشنز مان چالان مشينون جمع ڪيون ويون آهن. ٽريفڪ پوليس کي بائيڪن جي لفٽنگ کان به روڪيو ويو آهي، هاڻ ٽريفڪ پوليس رڳو ٽريفڪ ۾ خلل بڻجندڙ گاڏيون لفٽ ڪري سگهندي ۽ رڳو ٽريفڪ جي رواني لاءِ مقرر رهندي. هوڏانهن آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته بنا ڊرائيونگ لائسنس جي موٽر سائيڪل هلائڻ تي 20 هزار، ڪار تي 30 هزار ۽ وڏي گاڏي تي 50 هزار رپين جو چالان ٿيندو.

بقايا 31

سميت پيش ٿيو جتي عدالتي ڪاروائين جي بائيڪاٽ سبب ٻڌڻي 17 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪئي وئي. ٻڌڻي بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته سال 2008ع کان پوءِ رواداري واري سياست نه رهي آهي. اسان به ڪافي ڀيرا حڪومتن ۾ آياسين پر مخالفن کي اسان انتقام جو نشانو نه بڻايو. چونڊن ۾ بيهڻ هر ڪنهن جو حق آهي. سنڌ ۾ هڪ رسم رواج هئي ته ماڻهو هڪٻئي سامهون چونڊن ۾ بيهندا هئا پر ان کي ذاتي دشمني تصور ڪو نه ڪيو ويندو هو. هن چيو ته سنڌ مٿان عجيب قسم جي مخلوق مسلط ٿي وئي آهي. سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي سڀني جي سامهون آهي. هاڻي ماڻهو بيزار ٿي ويا آهن سنڌ جي ماڻهن سان جيڪو حشر آهي جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان سنڌ حڪومت ۾ اهڙي قسم جي حڪمراني رهندي ۽ حڪمرانن پنهنجي روش نه مٽائي ته خدانخواسته مون کي نيپال، بنگلاديش ۽ سريلنڪا جهڙي صورتحال سنڌ ۾ نظر پئي اچي هن چيو ته 50 سيڪڙو کائڻ ۽ کيسن ۾ وڃڻو آهي. 20 سيڪڙو ٺيڪيدار ڪمائيندا ۽ 30 سيڪڙو ڪم ٿيندو ته پوءِ اسپتال، رستن، ڪئنالن ۽ بندن سميت هر کاتي جو ساڳيو ئي حال هوندو. هن چيو ته ڪنهن زماني ۾ پيپلز پارٽي نعرو هو جنهن ڪري اسان سڀئي گڏ ٿياسين. شهيد ڀٽو کان پوءِ پيپلز پارٽي اها پيپلز پارٽي نه رهي تنهن ڪري اسان 1986ع ۾ پيپلز پارٽي ڇڏي وياسين ان کان پوءِ پيپلز پارٽي 50 سيڪڙو بچي هئي هاڻي ته ان پارٽي کي مافيا يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي، مافيا وانگر حڪمراني آهي ۽ سياسي طرز واري حڪمراني ناهي. هن چيو ته پاڻي تي سڀني صوبن جو حق آهي. پاڻي رڳو پنجاب نه پر سڀني صوبن جو حق آهي. ان ۾ پڇڙي وارن جو سڀني کان وڌيڪ حق هوندو آهي. اسان کي هميشه اهو خدشو رهيو آهي ته ڪالاباغ ڊيم ٺهندو ته سنڌ جو پاڻي روڪيو ويندو. هن چيو ته ملڪ ۾ 27 هين ترميم جي ڳالهه هلي پئي، مان پهريان به چيو هو ته ڊسمبر تائين ڪجهه به ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ڪجهه نه ٿيو ته به هائبرڊ ڊيموڪريسي واري حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪندي نظر نه ٿي پئي اچي. مڊٽرم اليڪشن سال اڳ يا ٻه سال اڳ ٿيندي مون کي نظر پئي اچي. هن چيو ته مريم نواز سياست ۾ نئين آهي، مان ميان نواز شريف سان ٽي ڀيرا ڪم ڪيو آهي هو اهڙي ڳالهه نه ڪري ها. جيڪڏهن مريم نواز پير سائين پاڳاري کي نه ٿي سڃاڻي ته پوءِ منهنجو مريم کي مشورو آهي ته ڪيس تاريخ ضرور پڙهڻ گهرجي ته پوءِ ڪيس خبر پئجي ويندي ته پير سائين پاڳارو سندن جو والد، ڏاڏو ڪير هو ۽ پير پاڳارو ڇا آهي؟

بقايا 32

قمي اي بي اي پاس امدوارن جي احتجاجن تي بار بار وحشاڻي حڪومتي تشدد جي مذمت ڪندي ڪيو

بقايا 01

ارشاد ڏاهري ۽ رسول بخش ڏاهري کي قتل ڪري رهيا هئا. جڏهن سنڌس پاءِ شاهد راڄپر کين منع ڪئي ته جوابدارن شاهد راڄپر کي به گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ياد رهي ته ٽي ڏينهن اڳ هٿياربندن ذاتي دشمني تان لنڊو موري وٽ ارشاد ڏاهري ۽ رسول بخش ڏاهري کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو. جنهن دوران اتي موجود واٽهڙو شاهد راڄپر به مارجي ويو هو واقعي ڪانپوءِ به الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ٻئي طرف پوليس پاران ڳوٺ راڄو ڏاهري تي ڪڙو برقرار آهي. جتي جوابدارن اقبال ڏاهري، جاويد ڏاهري ۽ پورو خان ڏاهري جا گهر ۽ اوطاقون ڪرين ذريعي ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل کوسو جو چوڻ آهي ته واقعي ڪان پوءِ پوليس ڪاروائيون تيز ڪيون ويون آهن. جوابدارن کي ڪنهن به صورت ۾ گرفتار ڪيو ويندو ذريعن موجب پوليس شڪ جي بنياد تي ڪجهه ماڻهن کي حراست ۾ ورتو آهي. پر گرفتاريون اڃا ظاهر نه ڪيون ويون آهن واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي فضا قائم آهي. جڏهن ته لاڪا روڊ شهر ۾ ڪاروباري سرگرميون سست ٿي ويون آهن هوڏانهن مقتول شاهد راڄپر جي ڳوٺ دوست محمد راڄپر واري تڏي تي راڄپر برادري جو چيف سردار خالد احمد خان راڄپر، سردار زاده رئيس احمد خان راڄپر ۽ ضلعي نوشهروفيروز، نئين ميرواه ۽ فيض گنج جي عهديدارن سميت برادري جا معزز پهتا ان موقعي تي سردار خالد احمد خان راڄپر چيو ته شاهد راڄپر جي قتل تي ڏاڍو ڏک آهي. اسين سنڌس وارثن سان گڏ بيٺل آهيون هن چيو ته راڄپر برادري پرامن آهي ۽ ڪڏهن به قانون هٿ ۾ نه ايندي، پر حڪومت کان مطالبو آهي ته شهيد شاهد راڄپر جي قاتلن کي فوري گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 02

وڌائڻ وارو ورڪشاپ ڪاميابي سان پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو هيءَ ورڪشاپ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ (STBB) جامشوري ۾ منعقد ڪيو ويو هن ٻن ڏينهن واري ورڪشاپ ۾ درسي ڪتابن جي ليکڪن ۽ ايڊيٽرن، درسي ڪتابن ۽ نصاب جي ماهرن ۽ پاليسي سازن شرڪت ڪئي، جتي رياضيءَ جي تعليم ۾ نون ۽ جديد طريقن تي غور ڪيو ويو ۽ سنڌ جي نصاب ۽ درسي ڪتابن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ حڪمت عمليون طئي ڪيون ويون ورڪشاپ جي پڄاڻي سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي چيئرمين پرويز احمد بلوچ جي اختتامي خطاب سان ٿي. جنهن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ورڪشاپ دوران شرڪت ڪندڙن کي عالمي لاڙن، نصاب جي تياري ۽ رياضيءَ جي تعليم جي ثقافتي پهلوئن بابت قيمتي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي آهي مان JICA ۽ ان جي ٽيم جو ٿورائتو آهيان. جن پنهنجو تجربو اسان سان ونڊيو ۽ اسڪولي تعليم کاتي جي اڳواڻيءَ به ساراهه جوڳي آهي اسان سڀ گڏجي اهم سنڌ ۾ معياري تعليم ۽ ان جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. هن سلسلي ۾ جنوري ۽ اپريل 2026 ۾ ايندڙ ورڪشاپن ذريعي اسين هن هن ڏس ۾ وڌيڪ ڪم ڪنداسين ته جيئن سنڌ جي ٻارن لاءِ رياضيءَ جي تعليم کي مضبوط بڻائي سگهجي" ورڪشاپ جي ٻئي ڏينهن جائڪا جي اسٽڊي ٽيم به اهم سيشن منعقد ڪيا جن ۾ پهريون سيشن "رياضيءَ جا ٻه ثقافتي دائرا" هو. جيڪو جائڪا جي مسٽر يوشيتاڪا تناڪا منعقد ڪيو. جنهن ۾ رياضي جي ثقافتي دائرن ۽ انهن ۾ سکيا جي طريقن جي فرق بابت روشني وڌي وئي: ٻيون سيشن "سنڌ جي رياضيءَ جا مسئلا" بابت هو. جيڪو جائڪا جي مسٽر دائيڪو ايتو هلايو. ان دوران موجوده چيلينجز ۽ درسي ڪتابن ۽ تدريسي طريقن کي بهتر بڻائڻ بابت ڳالهايو ويو ورڪشاپ جي ڪارروائي سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر اڪيڊمڪس نريش ڪمار شيوائي سرانجام ڏني

بقايا 03

نيو سبزي منڊي ٻاءِ پاس دادو تي اسٽاڪ رڪرايم جيئن سيزن ختم ٿيندي مون حيدرآباد هاءِ ڪورٽ سڳوري ۾ c.p 1053/24 تي داخل ڪئي اسان جي ڪٽڪ دادو کان حيدرآباد بولهڙي سينٽر تي شفٽ ڪئي وڃي پر نيڪيدارن جي سستي جي ڪري ڪٽڪ شفٽ نه ٿي سگهي ۽ مٿان برساتون شروع ٿي ويون جنهن ڪري ڪٽڪ خراب ٿي وئي آهي. هينئر تائين حيدرآباد هاءِ ڪورٽ سڳوري ۾ ڪيس هلنڊڙ آهي دادو شهر جا ڪجهه عطائي صحافي احسان زنئور، سڪندر پنهور، افسر جتوئيءَ ۽ ٻيا نيو سبزي منڊي ٻاءِ پاس تي اچي ڌمڪائن ٿا ۽ پتي ڏيڻ جي گهر ڪن ٿا نه ڏيڻ جي صورت ۾ چون ٿا ته اسان هر روز توهان ۽ کاتي خلاف سوشل ميڊيا تي پوسٽون هلائينداسين ۽ مختلف طريقن سان هيسائن ٿا. فوڊ انسپيڪٽر الزام لڳايو ته سوشل ميڊيا تي ڪوڙيون افواهون هلائي منهنجيءَ کاتي جو نالو بدنام ڪري رشوت وٺڻ لاءِ بليڪ ميل ڪن پيا. مخالف من گهڙت الزام لڳائين پيا هن چيو ته منهنجي ذاتي ۽ کاتي خلاف ڪردار ڪشي ڪندڙ عناصرن خلاف اختياريون نوٽيس وٺن ٻئي صورت ۾ انهن خلاف به عدالت جو دروازو کڙڪايو ويندو.

بقايا 04

جو انعقاد ڪيو ويو، جنهن ۾ صحافين، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي صدر نيشنل پريس ڪلب خيرپور شفيق شر، نائب صدر عمر ملڪ، محمد بخش راڄپر، عمران مانگٽ، اياز احمد سوهو ۽ ٻين صحافي اڳواڻن ڪئي ان موقعي تي مظاهرين هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي رکيا هئا. جن تي امتياز مير جي قاتلن جي گرفتاري ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جا مطالبا لکيل هئا شرڪت ڪندڙن سخت نعريبازي ڪندي حڪومت سنڌ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته شهيد صحافي جي قاتلن کي فوراً گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي مقررن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ ۾ صحافي مسلسل عدم تحفظ جو شڪار آهن هنن چيو ته هاٿي ڪراچي ۾ شهيد امتياز مير کي نهايت بي رحمائي نموني قتل ڪيو ويو، پر قاتل اڃا تائين قانون جي گرفت کان ٻاهر آهن. جيڪو صحافت مٿان هڪ وڏو وار آهي صحافي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته قلم جي آواز کي دٻائڻ ۽ آزادي صحافت کي محدود ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن جيڪڏهن قاتلن کي جلد گرفتار نه ڪيو ويو ته صحافي برادري احتجاج جو دائرو وڌائي ڇڏيندي ۽ سڄي سنڌ ۾ تحريڪ هلائي ويندي مظاهرين شهيد امتياز مير سميت ٻين شهيد صحافين کي ڀيٽا پيش ڪندي عهد ڪيو ته صحافت جي جدوجهد هر حال ۾ جاري رهندي

بقايا 05

سيڪنڊري اسڪول چونڊڪو کان نڪري نعرا هڻندي ۽ هٿن ۾ بينر، پلي ڪارڊ کڻي مختلف رستن تان گذرندي مين چوڪ چونڊڪو پهتي جتي ڌرڻو هنيو ويو، ڌرڻي سبب ٽريفڪ مڪمل طور معطل ٿي وئي، احتجاجي ريلي جي اڳواڻي مرڪزي جنرل سيڪريٽري پ ٽ الف مختيار حُسين سولنگي، ڊويزنل صدر سکر ڊويزن سائين بخش وساڻ، نائب صدر سپسا سکر ڊويزن اصغر علي بوذدار، TEO سيڪنڊري نارا علي اصغر بوذدار، صدر گسٽا تعلقہ نارا محمد ملوڪ پنهيرو، صدر پ ٽ الف تعلقہ نارا ربنواز نظاماڻي، نائب صدر گسٽا ضلع خيرپور گل حسن لغاري، جنرل سيڪريٽري گسٽا تعلقہ نارا عاشق حُسين ملاح ۽ جنرل سيڪريٽري پ ٽ الف تعلقہ نارا لطف علي پنهيار ڪئي. احتجاج ۾ اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت جون موجوده پاليسيون ملازمن سان ڪليل زيادتيون آهن. جن سان نه صرف سرڪاري ملازمن جي معاشي قتلام ۽ سندن روزگار کي خطرو لاحق ٿيو آهي پر سندن گهرن جا چلها به خطري ۾ اچي ويا آهن. هنن چيو ته ڊي آر اي ۽ پينشن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ، الائونسز ختم ڪرڻ ۽ نوڪريءَ ۾ تحفظ نه ڏيڻ ملازمن جي حقن تي سڌو سنئون حملو آهي. اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پاڻ کي جمهوريت جي دعويدار سڏائي ٿي پر عملي طور تي آمرن کان به وڌيڪ ظالماڻا فيصلا ڪري رهي آهي. انهن واضح ڪيو ته جيڪڏهن حڪومت فوري طور تي ملازم دشمن نوٽيفڪيشن واپس نه ورتا ته احتجاج کي وڌيڪ شدت سان جاري رکيو ويندو، اڳواڻن وڌيڪ چيو ته اسان جون پگهارون ۽ الائونسز گهٽائڻ بدران مهانگائي مطابق وڌڻ گهرجن. چو ته وڌندڙ مهانگائي جي ڪري ملازمن جي زندگي ڏکي بڻجي وئي آهي. اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت کي گهرجي ته فوري طور تي پنهنجن غلط فيصلن تي نظرثاني ڪري ٻي صورت ۾ ملازم سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا جنهن جي ذميوار سنڌ حڪومت رهندي. احتجاج ۾ شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته اسانجي هي تحريڪ ڪنهن هڪ يونين يا تنظيم جي نه پر سنڌ جي سمورن ملازمن جي گڏيل جدوجهد آهي جنهن کي روڪڻ ڪنهن به حڪومت جي وس جي ڳالهه نه آهي. هنن چيو ته حڪومت جي پاليسين خلاف احتجاج جو سلسلو هر شهر هر سرڪاري اداري جي ملازمن پاران جاري آهي پر بيحس سنڌ حڪومت پنهنجي اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏي آهي. احتجاج ۾ اعلان ڪيو ويو ته ايندڙ مرحلي ۾ 6 آڪٽوبر تي لکين سرڪاري ملازم ڪراچي ۾ بلاول هائوس جو گهيراءُ ڪندا ۽ پنهنجا جائز حق حاصل ڪرڻ لاءِ آخري حد تائين ويندا، اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن حڪومت هاڻي به ملازمن جي جائز مطالبن کي تسليم نه ڪيو ته پوءِ حالتون حڪومت لاءِ سنڀالڻ مشڪل ٿي وينديون، اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سرڪاري ملازم ملڪ جي ڪرنگهي جي هڏي آهن. جيڪي تعليم، صحت، زراعت ۽ ٻين اهم شعبي ۾ عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن. اسان ڪڏهن به پنهنجن بنيادي حقن تان هٿ نه کڻنداسين ۽ ڪنهن به قسم جي ڌمڪين يا دٻاءَ هيٺ نه ايندا سين.

بقايا 06

ٿي جڏهن ته زخمين جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي. اطلاع تي ريسڪيو ۽ پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي ريسڪيو ڪري ضروري ڪاروائي بعد اسپتال منتقل ڪيو. پوليس موجب واقعو گهر جي ڪم دوران پيش آيو وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 07

روبرو اهو خط ڪوليو ويو. جنهن ۾ نامعلوم ماڻهن پاران لکيو ويو آهي ته غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدا حسين جوکيو کين هڪ مهيني اندر 50 لک روپيه ڏيئي درگاه فورن خالي ڪن، ٻئي صورت ۾ ساڻن ڪو به حادثو پيش اچي سگهي ٿو. جنهن ۾ سندن جان به وڃي سگهي ٿي. پريس ڪلب نئين ۾ غلام قادر جوکيو صحافين کي ملنڊڙ ڌمڪين ۽ پتي وارو خط ڏيکاريندي چيو ته هن کان اڳ ۾ تازو پيل تيز طوفاني برساتن ۾ هو 2 ڏينهن درگاه تي نه آيو. برساتن بعد جيئن هو پنهنجي آستاني تي پهتو ته اتي هڪ چٺي اردو ۾ لکيل هئي. جنهن تي پڻ ساڳئي ڳالهه درج هئي ته 50 لک ڏيئي درگاه خالي ڪر، ٻئي صورت ۾ توکي ۽ تنهنجي پٽ کي پهچندڙ نقصان جا توهان پاڻ زميوار هوندا. غلام قادر جوکيو چيو ته ڪيس ٺهي ملنڊڙ چٺين (خطن) جو اطلاع گجو، جنگشاهي ۽ مڪلي پوليس کي ڏنو ويو آهي. پر پوليس نه اسانکي تحفظ ڏيارڻ لاءِ ڪي قدم ٿي کڻي ۽ نه ٿي اسانکي گمنام ملنڊڙ خطن جي جاچ ٿي ڪري. هن چيو ته هن وقت درگاه حضرت امير شاه جيلاني جو ساليانو عرس مبارڪ هلي پيو. جتي هزارين عقيدتمند آيل آهن. نيلي جي سرڪاري پرميشن حاصل ڪرڻ باوجود سڄي ميلي ۾ عوام جي تحفظ لاءِ صرف 2 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. جيڪي تمام گهٽ آهن. هن چيو ته هن کان اڳ به اسانتي ڪافي ڀيرا حملا ٿي چڪا آهن. جنهن ۾ آءُ زخمي ٿي چڪو آهيان. پوليس کي ڏانهون ڏيڻ باوجود پوليس اسانجي تحفظ لاءِ ڪجهه به نٿي ڪري جنهن ڪري اسانجي جان کي گمنام خطن ذريعي ملنڊڙ ڌمڪين وسيلي نقصان جو انديشو آهي. درگاه جي خدمتگار خدمتگار غلام قادر جوکيو چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، سيشن جج ٺٽو، ڊي سي ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته کين تحفظ مهيا ڪري درگاه تي سندن تحفظ لاءِ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪري ڪيس ڌمڪين واري مليل چٺي جي جاچ ڪرائي ملوثن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي. جيئن هو وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن. هن چيو ته ڪين جيڪڏهن ڪو به نقصان پهتو ته ان جا ذميوار اهي پتي جون چٺيون موڪليندڙ خود هوندا.

بقايا 08

جي حد ۾ ٺٽو بگهاڙ موري لنڪ روڊ تي پوليس ۽ شڪي ماڻهن جي وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، گرفتار ۽ زخمي جوابدار جي سڃاڻپ عامر خان پٺاڻ ولد گل محمد پٺاڻ جي نالي سان ٿي آهي، جيڪو ڳوٺ عبدالله خاصخيلي مڪلي جو رهواسي آهي، ابتدائي جاچ موجب، جوابدار جنهن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، ٺٽي پوليس اسٽيشن ۽ مڪلي جي مختلف علائقن ۾ ڦرلٽ ۽ موٽرسائيڪل چوري جهڙن ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ملوث آهي، گرفتار ۽ زخمي جوابدار جي قبضي مان ڏوهن ۾ استعمال ٿيندڙ پستول پڻ هٿ ڪيو ويو آهي، زخمي ملزم جي مڪمل ڪرمنل رڪارڊ جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته پوليس سندس فرار ٿيل ساٿي خادم بروهي ب کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هڻي رهي آهي، گرفتار ۽ زخمي جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، وڌيڪ جاچ جاري آهي، پوليس جي ڪاميابي ڪاروائي تي ايس ايس پي ٺٽو فاروق احمد بجاراڻي، ايس ايڇ او ٺٽو پوليس اسٽيشن ماجد ڪوراڻي ۽ پوري پوليس پارٽي کي اهڙن ڏوهارين کي پنهنجي منتقي انجام تائين پهچائڻ سندن بهترين پاليسين جو حصو هجڻ گهرجي

بقايا 09

خلاف آل پارٽي ڪانفرنس شهر جي مقامي هوٽل تي رکي وئي تفصيل موجب سنڌ ترقي پسند پارٽي ماتلي پاران آئيس، منشيات ۽ بدامني خلاف هلنڊڙ تحريڪ جي ٻئي مرحلي ۾ آل پارٽي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، واپاري، صحافتي ۽ وڪيل برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اڳواڻن گل محمد شاه، اسلم مهندو، تاجر اڳواڻ مجاهد راجپوت، مسافر هاليپوٽو، اسلم قائمخاني، وڪيل زاهد چيڙ، ذوالفقار علي شاه، راجا سوٿڙ، يونس رستماڻي، خالد مگسي، سيد علي محمد شاه ۽ ٻين چيو ته ماتلي شهر ۾ وڌندڙ آئيس ۽ ٻي منشيات جي واپرائڻ سان نه رڳو نوجوان نسل تباه ٿي رهيو آهي پر سماج ۾ بدامني به وڌي رهي آهي. اڳواڻن زور ڀريو ته پوليس ۽ انتظاميا منشيات جي روڪٿام لاءِ فوري طور تي اثرائتا قدم کڻن. جڏهن ته سماجي سطح تي به ماڻهن ۾ آگاهي وڌائڻ جي ضرورت آهي. شرڪت ڪندڙن چيو ته جيڪڏهن سرڪار ۽ ادارا پنهنجو ڪردار ايمانداري سان ادا نه ڪندا ته ايندڙ ڏينهن ۾ تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

بقايا 10

بي ڊيويلئرز چيو ته ڀارتي ٽيم شايد خوش نه هئي جنهن ڪان ٽرافي وٺڻي هئي، مون کي نه ٿو لڳي ته ان جو راند سان ڪو تعلق آهي، هن چيو ته سياست کي راند کان الڳ رکڻ گهرجي، راند هڪ الڳ شيءِ آهي ۽ ان جو جشن ملهائڻ گهرجي، اڳوڻي ڪرڪيٽر چيو ته ايشيا ڪپ جي پڄاڻي واري تقريب ۾ سڀ ڪجهه ڏسي ڏک ٿيو، اميد آهي ته معاملن کي جلد حل ڪيو ويندو، ان صورتحال سبب راند ۽ رانديگرن کي مشڪلاتون پيش آيون، ۽ اهي سڀ ڏسي مون کي نفرت محسوس ٿي، اي بي ڊيويلئرز علائقي جي سياست کي راند جي ميدان کان الڳ رکڻ جي اپيل ڪئي ۽ چيو ته اهي سڀ ڏسي سٺو نه لڳو

بقايا 11

۽ بي بي ايل جو هي شاندار سيزن ثابت ٿيندو. ٽوڊ گرينبرگ چيو ته اسان رانديگرن کي بيگ بيش ليگ ۾ پليڪار چوڻ جا منتظر آهيون، اسان کي پڪ آهي ته پاڪستاني رانديگر بي بي ايل جي ويليو ۾ واڌارو ڪندا. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ پي سي بي پنهنجن رانديگرن جا پرڏيهي ليگز لاءِ اين او سي هولڊ ڪري ڇڏيا هئا. ان ڏس ۾ ذريعن جو چوڻ آهي ته پي سي بي اين او سي انهن ئي رانديگرن کي ڏيندو جيڪي بين الاقوامي ۽ ڊوميسٽڪ ڪرڪيٽ ۾ ڪارڪردگي جي معيار تي پورا لهندا. پاڪستان جي طرفان بابر اعظم، شاهين آفريدي، حارث رئوف ۽ شاداب خان سميت 7 پاڪستاني بي بي ايل جو حصو آهن ۽ بگ بيش ليگ جا مقابلا ڊسمبر کان شروع ٿيندا

بقايا 12

جونيئر هاڪي ورلڊڪپ ۾ پاڪستان جون ميچون ڪنهن ٻي هنڌ منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ذريعن موجب، پي ايڇ ايف پنهنجي خط ۾ پاڪستاني رانديگرن کي پيش سيڪيورٽي خدشن بابت آگاهه ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته پاڪستان هاڪي ٽيم جون ميچون ڀارت بدران نيوٽرل وينيو رکيو وڃن. واضح رهي ته جونيئر هاڪي ورلڊڪپ 28 نومبر کان ڀارت ۾ شروع ٿيندو ۽ 11 ڊسمبر تائين جاري رهندو. ياد رهي ته ان کان اڳ به پاڪستان هاڪي ٽيم ايشيا ڪپ کيڏڻ لاءِ ڀارت نه وئي هئي

بقايا 13

ڊائريڪٽوريٽ صوبائي محتسب ميرپورخاص ۽ سماجي تنظيم هيلپنگ هينڊز جي تعاون سان اسڪلز ڊولپمينٽ سينٽر سيٽلائيٽ ٽائون آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري ۽ آگاهي پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شڪايت ڪندڙ ڪنهن به صوبائي سرڪاري اداري جي شڪايت بابت سادي ڪاغذ تي لکت ۾ پنهنجي شڪايت جي درخواست ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعلي ميرپور خاص آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو هن شاگردن ۽ شاگرديائين کي مختلف ٽيڪنيڪل تعليم ۽ مهارتون فراهم ڪرڻ لاءِ هيلپنگ هينڊز جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ٽيسٽنگ ڪان پوءِ آئي ٽي شعبي جي باصلاحيت شاگرديائين کي صوبائي محتسب اعلي جي هيڊ آفيس ۾ مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، ان موقعي تي ڊپٽي رجسترار محتسب اعلي سڄاد احمد سومرو چيو ته صوبائي محتسب اعلي ميرپورخاص ۾ هن وقت تائين تائين 15,000 مختلف شڪايتن جون درخواستون مليون آهن، جن مان 13,000 شڪايتون حل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته باقي شڪايتن تي جانچ هلنڊڙ آهي، ان موقعي تي هيلپنگ هينڊز جي ريجنل هيڊ سنڌ علي محمد پناڻ چيو ته هيلپنگ هينڊز هڪ بين الاقوامي سماجي تنظيم آهي جنهن جو مقصد اسان جي پياري ملڪ جي غريب، ضرورتمند، بي سهارا ۽ نوجوانن کي بهتر انداز ۾ فني تعليم سان آراسته ڪرڻ آهي ته جيئن اهي سماج جا سٺا فرد بڻجي سگهن ۽ سماجي ترقي ۾ پ هٿجي حصو ملائي سگهن. هن چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم جو بنيادي مقصد انساني زندگين کي بهتر بڻائڻ، انهن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ ۽ انساني رشتن کي مضبوط ڪرڻ آهي، ان موقعي تي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جنيد مرزا چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم نوجوان شاگردن ۽ شاگرديائين جي فني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ان موقعي تي اداري جي پرنسپل ميڊم عزيزه سلطانه چيو ته اداري ۾ مختلف ٽيڪنيڪل شعبن ۾ 5 استادن ۽ مختلف فني شعبن ۾ 102 شاگردن ۽ شاگرديائين کي فني تعليم ۽ مهارت جي تربيت ڏني پئي وڃي، ان موقعي تي ريجنل ايجوڪيشن آفيسر سلمان خالد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام رضا کوسو، آئي ٽي ڊپارٽمينٽ انچارج مس ترڪش، بيوٽيشين ٽرينر مس طاهره قادر ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان کان اڳ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي ذوالفقار علي جوٽيجو اداري جي مختلف فني شعبن جو دورو پڻ ڪيو

بقايا 14

ان موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻ استاد روشن علي سهتو، ڊاڪٽر محمد وارث ڪبر، ڊاڪٽر سيد هاشم علي شاه، استاد بخش علي سهتو ۽ ٻين چيو ته محرابپور تعلقي جي سوين ملازمن پاران پنهنجي جائز حقن جي حاصلات خاطر روڊن تي نڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي، هنن چيو ته سنڌ ايمپلائيز الائنس پرڳتي اندر پنهنجي جائز حقن لاءِ مسلسل جدوجهد واري عمل ۾ مصروف آهي، پر سنڌ حڪومت ان طرف ڪا به توجه ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هنن وڌيڪ چيو ته ٻين صوبن جيان سنڌ جي سرڪاري ملازمن کي پڻ پنهنجون جائز مراعتون ملڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ مطالبن جي مڃتا تائين احتجاجن جو سلسلو جاري رهندو..

بقايا 15

رضا ۽ درگاه جي گادي نشين غلام قادر جوکيو سان گڏجي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري. ميلو حاجي ميرحسن جوکيو ۽ عرضي بروچ جي نگراني هيٺ منظم ڪيو ويو، جنهن ۾ ملاڪڙو پڻ منعقد ٿيو ملاڪڙي ۾ مشهور پهلوان غلام نبي شيدي، خان بهادر شورو، گلاب بلوچ، حبيب الله ٻارڻ، راهب شيدي، شيرو جوکيو، دادلو شيدي، نصرالله شيدي، يوسف شيدي، ڪاشف جوکيو، نديم ناهيو، روشن جوکيو ۽ ٻين شاندار مقابلا ڪري وڏي داد ۽ انعام ماڻي. ملاڪڙي جا مهمان خاص سيد اظهار شاه شيرازي، سيد اڪرمُ شاه، وڏيرو محمد ناهيو، ضلعي ڪائونسل ميمبر تراب علي، نماڻو نورحسن جوکيو، شيخ تراب علي جي گادي نشين غلام حسين شيخ، ولي محمد حماڻتي ۽ وڏيرو عالم سالار جوکيو هئا، جن پهلوانن کي انعام پيش ڪيا. ميدان ۾ انائونسمينٽ پهلوان سومار بکيرو ۽ امير شيدي ڪئي. جنگشاهي پوليس ميلي دوران مڪمل انتظام سنڀالي ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کان بچاءَ لاءِ تيار رهي، مهمانن کي حاجي ميرحسن جوکيو پاران اجرڪون ۽ لونگيون پڻ تحفي طور ڏنيون ويون، ملاڪڙي ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شريڪ ٿيا، جن ڪاميابي پهلوانن جي همت افزائي ڪندي کين انعام سان نوازيو

بقايا 16

ساٿي پوليس اهلڪار زخمي اهلڪار کي بي اسپتال وٺي وڃڻ تي مجبور ٿيا ذريعن مطابق ايس ايڇ او ڊبي مغوي اطلاع تي پوليس سان گڏ مطلوب شخص جي گرفتاري لاءِ آيو جنهن دوران جهيڙو ٿي پيو

بقايا 17

ڪنڊرا جي مختلف وارڊن سميت يوسي روشن آباد ۾ پهچي فوت ٿي ويل جي وارثن سان عزرخواهيون ڪيون ۽ روشن آباد ۾ مانجهاندي جو پڻ بندوبست ڪيو ويو هيو جتي عوام جا مسئلا ٻڌاءِ ۽ مختلف آفيسرن کي فون ڪري حل ڪرڻ جا حڪم ڏنا ويا انهي دوران ٽائون ڪميٽي چيئرمين ايڊووڪيٽ ارشادعلي لاشاري وائيس چيئرمين ڪنئيولال عرف پتو مل روپيچا ٽائون آفيسر محمدعلي لغاري اڳوڻو هندوپنچائت ڪنڊرا جو مکي سيٺ مکي نامون مل پيپلزپارٽي ڪنڊرا اڳواڻ سيدپرويزعلي شاه دوڪاندار ايسوسيئيشن ڪنڊرا اڳواڻ سيٺ ارجن داس تلريجا پ پ جيالن سميت عوام گڏ هوجئي پتوجا اپ ڏارينڊڙ نعرن سان مختلف هنڌ گونجندا رهيا

بقايا 18

مظاهري جي اڳواڻي شهزاد عباسي عامر ميراڻي لعل بخش خان پٺاڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پاران ملازمن جي پينشن ۾ ڪٽوتي ۽ ڊي آر اي الائونس ختم ڪرڻ خلاف احتجاج ڪي اڄ ٻن مهينن کان مٽي گذري ويا آهن مختلف وقتن تي احتجاج ڪيو ويو پر سنڌ حڪومت تي ڪو ٻا اثر نه پيو هوڏانهن لڳاتار ڏه ڏينهن کان آفيسن کي تالا لڳائي احتجاج جاري آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته جيڪڏهن سنڌ جي ملازمن جي معاشي قتلعام بند نه ڪيو ويو ته مڪمل طور آفيسن جي تالا بندي جاري رهندي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ملازمن جي پينشن ۾ ڪيل ڪٽوتي جو نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي ۽ ڊي آر اي الائونس بحال ڪيا وڃن بي صورت ۾ ڇهين تاريخ تي وڏي وزير سنڌ جي اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو ۽ جيستائين نوٽيفڪيشن واپس نه ٿيندو تيستائين ڌرڻو جاري رهندو

بقايا 19

مطالبو ڪري رهيا آهن. تفصيلي رپورٽ موجب عمرڪوٽ پريس ڪلب جي ٻاهران، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ٽيچرس آرگنائيزيشن (سائوٽا) ۽ ٽنڊوڄام ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي (اي اي سي) جي اڳواڻن، سائوٽا جي صدر ڊاڪٽر فهد نذير کوسو، ڊاڪٽر جاويد گدائي، ڊاڪٽر خالد ٽالپر، ڊاڪٽر فرمان چانڊيو، محمد سليم چانگ ۽ ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن اصغر خاصخيلي، عبدالحئي پٽو، رحمت الله ڪنيار، گل حسن منگريو ۽ ٻين گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ احتجاج ڪيو ان موقعي تي ملازمن چيو ته عمرڪوٽ ضلعو تعليم جي ميدان ۾ سڄي سنڌ ۾ سڀ کان مٿي آهي ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن جا شاگرد ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ جي تياري لاءِ هتي پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. هاڻي اهو سول سوسائٽي، قانوني برادري ۽ عمرڪوٽ ضلعي جي چونڊيل نمائندن جو فرض آهي ته اهي زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ جي ملازمن جون پگهارون جاري ڪرڻ ۾ مدد ڪن. پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو ته جيئن ملازمن جون پگهارون جاري ٿي سگهن، ۽ جيڪڏهن پگهارون جاري نه ٿيون ته يونيورسٽي ڪيمپس بند ٿيڻ جو خدشو آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ ٻارهن سئو شاگردن جي تعليم متاثر ٿي سگهي ٿي، هن چيو ته عمرڪوٽ ٽنڊو جام زرعي يونيورسٽي جي انتظاميا غير ذميواري جا رڪارڊ قائم ڪيا آهن. گذريل ٽن مهينن کان ڪئمپس جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون نه مليون آهن، پگهارون نه ملڻ سبب هندو برادري سميت مسلمان استاد ۽ ملازم بک جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. انهن جا ٻار به وقت جي ماني لاءِ ترسي رهيا آهن. جڏهن ته اقليتي استادن جو وڏو عيد به ويجهو اچي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي پگهارون نه مليون ته انهن جي خوشين تي به اثر پوندو، هن وڌيڪ چيو ته ملازمن ۽ استادن جون پگهارون نه ملڻ سبب ڪلاس بند آهن ۽ شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، پر ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي، هن چيو ته عمرڪوٽ ڪيمپس جا استاد ۽ ملازم گذريل 19 ڏينهن کان مسلسل احتجاج تي آهن، پر ملازمن جي احتجاج جي باوجود، ٽنڊوڄام انتظاميا، ايڇ اي سي ۽ سنڌ حڪومت انهن جي ڳالهه نه ٻڌي آهي، هن چيو ته اڄ اسان کي عمرڪوٽ پريس ڪلب پهچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، سوال ڪيمپس جي وجود جو آهي، جيڪڏهن پگهارون جاري نه ڪيون ويون ته استاد ۽ ملازم ڪيمپس کي تالا لڳائڻ تي مجبور ٿيندا، هن ايڇ اي سي، سنڌ جي وڏي وزير ۽ زراعت جي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون جلد جاري ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ اهي ڪيمپس کي تالا هڻي سخت تحريڪ شروع ڪندا ۽ احتجاج جو دائرو وڌائيندا.

بقايا 20

ورڪرن ڪلارڪن جي اڳواڻن راجه رفيق پنهور ڊاڪٽر احسان پنهور نثار احمد لاشاري امان الله پنهور محمد آجر پنهور امتياز احمد چانڊيو صداقت علي سومرو آياز احمد لاشاري محمد حسن خشڪ نظير احمد ٻير محمد رمضان سولنگي ڊاڪٽر عزيز مزناڻي رحمان علي پنهور قربان علي لنڊ حنيف کهو اميربخش چنه غلام حسين قمبراڻي اختر حسين سمون ظهير احمد لغاري حبيب الله لغاري غلام حيدر هنگورو غلام رسول ٻيرو زيرخان پنهور ٻين چيو ته مسلسل احتجاجي تحريڪ جو حڪومت ڪو به نوٽيس نه ٿي وٺي ڊيمانڊز آف آل سنڌ ايمپلائيز الائنس (SEA). 1 پينشن ريفارمز جا سڀ نوٽيفڪيشن واپس ڪيا وڃن 2. سنڌ جي سيني ملازمن (BPS_01) کان (BPS_22) جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 70٪ واڌ ڪئي وڃي 3. سنڌ جي سيني ملازمن (BPS_01) کان (BPS_22) کي DRA ڊسپرٽي ريڊڪشن الائونس 50٪ ڏنو وڃي 4. بلوچستان حڪومت جي طرز تي ريٽائرمينٽ کان پوءِ سيني ملازمن (BPS_01) کان (BPS_22) کي گروپ انشورنس ۽ بنئوولينٽ فنڊ ڏنو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جا مطالبا جيڪڏهن نه حل ڪيا ته سڄي سنڌ ملازم 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس ڪراچي اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 21

جي ماڻهن ۽ موٽروي پوليس پهچي لاش ڪٽائي ڏهرڪي جي سيول اسپتال پهچايو ويو جتي اهڙو اطلاع وارثن کي ڏنو ويو ته وارث اسپتال پهچي ويا جتي فوتي شخص جي مڙه جي ضروري ڪاروائي بعد مڙه وارثن حوالي ڪيو ويو وارث مڙه کي پنهنجي اباڻي ڳوٺ آڏي بنگلي لڳ آرائين ڳوٺ ۾ ڪٽائي ويا جتي مڙه پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن آئل ٽينڪر ۽ ڊرائيور کي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو.

بقايا 22

برهان ڪنيار ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر گهنشام داس تعلقي صدر نظير پرڳڙي جنرل سيڪريٽري نظير پرڳڙي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر بخش سينهڙو يوٿ تعلق عهديدار رامچند شنگلاڻي ليڊيز ونگ تعلقي صدر حوا ڪنيار سميت ذيلي ونگن جي عهديدارن يوسي عهديدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن گڏجاڻي کي خطاب ڪندي چيو ته 5 آڪٽوبر تي ميرپورخاص ۾ نئين چونڊجي آيل ڊويزنل عهديدارن جو استقبال ڪيو ويندو اجلاس جي موقعي تي ورڪرن ۽ عهديدارن سان حال احوال به ڪيا ويا

بقايا 23

سبزي کڻي پنهنجي منزل ڏانهن روانو هو نه رستي ۾ تيز رفتاري سان ايندڙ ٽرالر جي ٽڪر لڳڻ سبب موقعي تي چيپاڻجي فوت ٿي ويو ٽرالر ڊرائيور ٽرالر ڇڏي ويو ۽ حادثو پيش آيو اطلاع ملڻ تي اوباوڙو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش ڪٽائي تعلقي اسپتال اوباوڙو منتقل ڪيو، جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو مچي ويو هو پوراهيت علائقي ۾ غريب ۽ محنت ڪش حيثيت سان سڃاتو ويندو هو، جنهن جي اوچتي موت سبب گهروارن تي غم جو جبل ڪري پيو ٻئي طرف پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڏيو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو متاثر خاندان ۽ علائقي واسين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري طور ڪيس داخل ڪري ڊرائيور کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ فوتي جي وارثن کي انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 24

شورو، مقصود شورو ۽ ممتاز شورو زخمي ٿي پيا زخمين کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته افغاني پٺاڻن جي نوجوانن تيز رفتار موٽرسائيڪل اسان جي ڪار کي هنئين، کين تنبيه ڪيسن ته ڳاڏي آهستي هلايو جنهن تان حملو ڪري ڏنائون.

بقايا 25

سنڌ ايمپلائز الائنس جي ملازمن کي جس تا ڏيون جن گذريل ڏهن ڏينهن کان سنڌ ايمپلائز الائنس پاران تالابندي ڪرڻ ۽ پريس ڪلبن اڳيان احتجاج ڪري اهو پيغام ڏنو آهي ته سنڌ جي ٻين شهرن وانگر ٿرپارڪر جا ملازم به اڳيرا رهيا آهن اسين موجوده سنڌ سرڪار جي روين مان اهو محسوس ڪري رهيا آهيون ته انهن جي ڪن تي اڃا تائين جونءِ به ناهي سري سنڌ سرڪار شايد اهو محسوس ڪري رهي آهي ته چڻ اهو سنڌ جو نه پر ٻي ڪنهن صوبي جو مسئلو آهي پ پ جو چيئرمين بلاول ڀٽو ٻين صوبن ۾ ڀاشن ڏيندو آهي ته هيئن ڪريو هونئن ڪريو پر گذريل ڏهن ڏينهن کان سنڌ جي تعليم صحت روينيو سميت ٻين کاتن کي تالا لڳل آهن ۽ سنڌ جو سمورو سرڪاري ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي هاڻي به جيڪڏهن حڪمرانن هوش کان ڪم نه ورتو ۽ ملازمن جا مسئلا حل نه ڪيا ۽ جڏهن ملازمن پاران بلاول هائوس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو تڏهن شايد هوش ٺڪاڻي اچي ويندو اڃا تائين ته سياسي پارٽين رڳو ملازمن جي اخلاقي حمايت ڪئي آهي جيڪڏهن سيئي سياسي پارٽيون ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ۾ گڏ بيهيون ته حڪمرانن کي مسئلا به حل ڪرڻ پوندا ۽ سنڌي ماڻهن آڏو رسوا به ٿيڻو پوندو ان ڪري جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي اوترو جلد مسئلا حل ڪيا وڃن جيئن متاثر ٿيل روزمره وارو ڪاروهنوار جلد بحال ٿي سگهي ۽ حڪمران شرمساري کان بچي سگهن

بقايا 26

ضلع ناظم ٿرپارڪر ارباب انور پڻ سرڪاري ملازمن سان اظهار يڪجهتي طور احتجاجي ڪئمپ تي شرڪت ڪئي ۽ چيو ته اسين هر موڙ تي سرڪاري ملازمن سان گڏ آهيون ۽ انهن هميشه سنڌ جي عوام جي حقن تي راتاهو هنيو هو هن پيري هو توهان ملازمن جو جذبو ۽ اتحاد ڏسي بوکلاٽجي ويا آهن پر انهن حڪمرانن کي آخر اوهان جي اڳيان گوڏا کوڙڻا پوندا ڪئمپ ۾ شريڪ مختلف سرڪاري تنظيمن جي اڳواڻن جيتيش راڻي، ارباب غضنفر، قربان انڙ، انب جوٽيجو، محمد صديق دل، محمد عيسي سميجو، وجهَ شرما، ڊاڪٽر رئيس، نريش ڪمار، صابر اوٺو، شاهنواز راهمون، اشوڪ خاموش، اصغر ۽ ٻين چيو ته اسان جي جدوجهد اڃا وڌيڪ زور وٺي رهي آهي پر حڪمرانن جي مسلسل ڪن لاٽار انهي کي ظاهر ڪري ٿي ته هو اجائي هوڏ تي قائم آهن آهي ڀلي اسان تي آنسو گئس جا شيل هلائين، يا واٽر ڪينن جا وسڪارا ڪن پر اسان جي حوصلن کي پست نٿا ڪري سگهن حڪومت ڀلي لاٺي چارج جي لاءِ لٺين تي تيل لڳائي رکن پر اسان جي اٽل ارادا ۽ اڏول چاٽيون سنڌ حڪومت جو هر ستم سهي به آخر فتحياب ٿيندا ۽ حڪومت کي پنهنجا آهي ڪارا قانون واپس وٺڻا پوندا.

بقايا 27

ڏرين وچ ۾ جهيڙو گوليون لڳڻ سبب قربان عرف قربو ڪوش ۽ سخي شر مارجي ويا ڏريون مورچا بند وقفي وقفي سان ڏرين جي فائرنگ سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙيل، ڏرين ۾ ڪجهه سال اڳ مينهن چوري ٿيڻ معاملي تان تڪرار شروع ٿيو ٻنهي ڏرين جا 8 ڄڻا قتل ٿي چڪا کيترائي زخمي ٿيا خبر موجب ڪشمور جي ڪچي واري علائقي ۾ پراڻي تڪرار تان شر ۽ ڪوش برادري جي ٻن ڏرين وچ ۾ تيل جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب ٻه ڄڻا سخي شر ۽ قربان ڪوش مارجي ويا ڪشمور گيهلپور پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي مارجي ويلن جا مڙه وارث ڪٽائي ويا ڪشمور گيهلپور پوليس موجب جهيڙيندڙ ڏرين جو ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي ڪرمينل ريڪارڊ آهي ڏرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو هلنڊڙ آهي.

بقايا 28

سامهون احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ڌرڻو هنيو ڌرڻي ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمنٽ هيلٿ ڊپارٽمنٽ روينيو ڊپارٽمنٽ ۽ ايريگيشن کاتي جي سوين ملازمن شرڪت ڪري سخت ناري بازي ڪئي ڌرڻي ۾ شريڪ ملازمن جو چوڻ هيو ته سرڪاري ملازمن کي سن ڪوٽا فوتي ڪوٽا ۽ پينشن الائونس سميت تمام سهولتون ڏنيون وڃن جيڪو اسان ملازمن جو قانوني حق آهي ۽ اسان جا جائز مسئلا فوري طور تي حل ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسون

بقايا 29

خاص مهمان طور ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز علي سومرو، ضلعي انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر گهنشام داس رانوڙ ۽ ضلعي پيپلزپارٽي اڳواڻ برهان الدين ڪنيرسٽي ڪنري نائب صدر خادم حسين کهيڙي عمرالدين چمن ۽ ٻين عهديدارن شرڪت ڪئي، گڏجاڻي ۾ 5 آڪٽوبر آچر ڏينهن مير منور علي خان ٽالپور پاران نون چونڊيل ڊويزنل عهديدارن جي اعزاز ۾ رکيل پروگرام ۾ ڀرپور شرڪت جو لائحه عمل ترتيب ڏنو ويو پروگرام ۾ ڪنري تعلقي جي سمورن يوسيز صدرن، ٽائون صدرن ۽ ذيلي ونگز جي سمورن عهديدارن ڀرپور شرڪت ڪئي.

بقايا 30

ڪان اڳ مرد جو قد ڏسندي آهيان. ان جي هيئر اسٽائل تي ڌيان ڏيندي آهيان ۽ مون کي ڏاڙهي وارا مرد پسند آهن. سنڌس چوڻ هو ته رشتي ۾ وفاداري سڀ کان اهم آهي، مان اهڙي شخص کي ترجيح ڏينديس جيڪو سچو ۽ وفادار هجي، ڀلي اهو پيسي وارو نه هجي. ڪنزا هاشمي چيو ته مان مرد جي مالي اسٽيٽس يا بينڪ بيلينس تي سدائين محبت ۽ حقيقي تعلق کي ترجيح ڏينديس. پروگرام دوران هڪ سوال جي جواب ۾ اداڪارا ڪرڪيٽ اسٽار بابر اعظم کي شاداب خان تي ترجيح ڏني.

بقايا 31

وضاحت ڪئي ته دي تاج اسٽوري نه ته مذهبي موضوع تي ٺهيل فلم آهي ۽ نه ئي ان ۾ اها دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اتي شيو جو مندر هو مشهور برطانوي تاريخدان وليم ڊرمپل به شيو مندر واري دعويٰ کي ڪل جوڳو ۽ بدنيتي تي ٻڌل بڪواس قرار ڏنو واضح رهي ته ان کان اڳ به محبت جي علامت تاج محل تي تڪراري فلم ناهي داغدار ڪرڻ جا ڊراما رچايا ويا هئا. ڪڏهن اهو چيو ويو ته تاج محل اصل ۾ "راجيه محل" هو. ڪڏهن اها دعويٰ سامهون آئي ته اهو حقيقت ۾ شيو مندر جي جاءِ تي تعمير ڪيو ويو. تاج محل بابت هن تڪرار کي ڀارت جي جڙتو مورخ پي اين اوڪ 1989 ع ۾ پنهنجي ڪتاب لکيو ته جتي تاج محل ناهيو ويو اتي مغلن کان اڳ هندو راجا جئه سنگهه يادگار ناهي هئي، پي اين اوڪ جي دعويٰ جي ڀارتي تاريخدان راجيڪا شرما پنهنجي سوشل ميڊيا پوسٽ ۾ ترديد ڪئي هئي. ان کان پوءِ 2018 ع ۾ آرڪيالوجيڪل سروري آف انڊيا خط جاري ڪري تصديق ڪئي ته تاج محل مغل حڪمران شاهجهان ۽ سندس گهرواري ممتا محل جو مقبرو آهي، پر معاملو اتي ختم نه ٿيو، خاص طور بي جي پي اڳواڻ مختلف موقعن تي تاج محل کي پنهنجو هدف بڻائيندا رهيا. 2022 ع ۾ رجنيش سنگهه هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڪئي ته تاج محل جي تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ فيڪٽ فائنڊنگ پينل جوڙيو وڃي، هن اهو به مطالبو ڪيو ته هندو مورتيون ڳولڻ لاءِ تاج محل جا 22 بند دروازا کوليا وڃن. ساڳي سال بي جي پي جي اسيمبلي ميمبر ديا ڪماري دعويٰ ڪئي ته جتي تاج محل ناهيو ويو اها جاءِ سندن وڏڙن جي ملڪيت هئي.

بقايا 32

اقبال کوکر، ڪائونسلر اڪبر آزاد هيسباڻي، جوائنٽ سيڪريٽري سارنگ امر، خزانچي قربان علي پنهور، آڊيٽر علي رضا نوناري، ميمبرن زاهد منگي، غلام محمد ڀٽي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رياض ابڙو نهايت گهڻ پڙهيو ماڻهو هو. هن ملڪي عالمي صورتحال تي نهايت ڪارائتا تجزيا پڻ لکيا. هن چيو ته رياض ابڙو بهترين نقاد، ڪهاڻيڪار ۽ هڪ خوددار ماڻهو هو جنهن ڪڏهن به پنهنجي قلم جو سودو نه ڪيو نه ئي ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيو سندس وڇوڙي سان سنڌي ادب لاءِ وڏو خال پيدا ٿيو آهي.

بقايا 33

ڇڏي ڏنو آءِ ايم ڊي بي جي رپورٽ ۾ جنوري 2014 کان اپريل 2024 تائين جي هفتيوار درجابندي جو تجزيو ڪيو ويو، جيڪا سڄي دنيا ۾ ويب سائيٽ جي 25 ڪروڙ ماهوار وزٽرز جي اصل پيج ويوز تي ٻڌل آهي. ان فهرست ۾ دپيڪا پڊڪون پهرئين نمبر تي آهي، جڏهن ته شاهه رخ خان ٻئي نمبر تي رهيو. ٽاپ 5 ۾ ايشوريا راءِ، عاليا ڀٽ ۽ مرحوم عرفان خان شامل آهن.

بقايا 34

بنگوار، نصير منگي فقر گوڪل داس، نظر مراڻي، ممتاز سنڌي، احمد علي مغل، جاويد ملڪ، فخرالدين بلوچ، عبد الخالق چاچڙ، قدرت الله مراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين شهيد امتياز مير جي قاتلن کي گرفتار ڪيو، صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو جي نعريبازي ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ صحافت ڪرڻ خطرناڪ ٿي ويو آهي امتياز مير کي هڪ سازش تحت قتل ڪيو ويو اهي شهيد امتياز مير بهادر، دلير بي باڪ صحافي ۽ سنڌ جو سگهارو آواز هو جنهن کي هميشا لاءِ بند ڪيو ويو آهي صحافين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري قاتل گرفتار ڪري شهيد صحافي جي خون سان انصاف ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا 35

ارشاد ڏاهري ۽ رسول بخش ڏاهري کي قتل ڪري رهيا هئا. جڏهن سنڌس پاءِ شاهد راڄپر کين منع ڪئي ته جوابدارن شاهد راڄپر کي به گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ياد رهي ته ٽي ڏينهن اڳ هٿياربندن ذاتي دشمني تان لنڊو موري وٽ ارشاد ڏاهري ۽ رسول بخش ڏاهري کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو. جنهن دوران اتي موجود واٽهڙو شاهد راڄپر به مارجي ويو هو واقعي ڪانپوءِ به الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ٻئي طرف پوليس پاران ڳوٺ راڄو ڏاهري تي ڪڙو برقرار آهي. جتي جوابدارن اقبال ڏاهري، جاويد ڏاهري ۽ پورو خان ڏاهري جا گهر ۽ اوطاقون ڪرين ذريعي ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل کوسو جو چوڻ آهي ته واقعي ڪان پوءِ پوليس ڪاروائيون تيز ڪيون ويون آهن. جوابدارن کي ڪنهن به صورت ۾ گرفتار ڪيو ويندو ذريعن موجب پوليس شڪ جي بنياد تي ڪجهه ماڻهن کي حراست ۾ ورتو آهي. پر گرفتاريون اڃا ظاهر نه ڪيون ويون آهن واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي فضا قائم آهي. جڏهن ته لاڪا روڊ شهر ۾ ڪاروباري سرگرميون سست ٿي ويون آهن هوڏانهن مقتول شاهد راڄپر جي ڳوٺ دوست محمد راڄپر واري تڏي تي راڄپر برادري جو چيف سردار خالد احمد خان راڄپر، سردار زاده رئيس احمد خان راڄپر ۽ ضلعي نوشهروفيروز، نئين ميرواه ۽ فيض گنج جي عهديدارن سميت برادري جا معزز پهتا ان موقعي تي سردار خالد احمد خان راڄپر چيو ته شاهد راڄپر جي قتل تي ڏاڍو ڏک آهي. اسين سنڌس وارثن سان گڏ بيٺل آهيون هن چيو ته راڄپر برادري پرامن آهي ۽ ڪڏهن به قانون هٿ ۾ نه ايندي، پر حڪومت کان مطالبو آهي ته شهيد شاهد راڄپر جي قاتلن کي فوري گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 36

مطالبو ڪري رهيا آهن. تفصيلي رپورٽ موجب عمرڪوٽ پريس ڪلب جي ٻاهران، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ٽيچرس آرگنائيزيشن (سائوٽا) ۽ ٽنڊوڄام ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي (اي اي سي) جي اڳواڻن، سائوٽا جي صدر ڊاڪٽر فهد نذير کوسو، ڊاڪٽر جاويد گدائي، ڊاڪٽر خالد ٽالپر، ڊاڪٽر فرمان چانڊيو، محمد سليم چانگ ۽ ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن اصغر خاصخيلي، عبدالحئي پٽو، رحمت الله ڪنيار، گل حسن منگريو ۽ ٻين گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ احتجاج ڪيو ان موقعي تي ملازمن چيو ته عمرڪوٽ ضلعو تعليم جي ميدان ۾ سڄي سنڌ ۾ سڀ کان مٿي آهي ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن جا شاگرد ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ جي تياري لاءِ هتي پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. هاڻي اهو سول سوسائٽي، قانوني برادري ۽ عمرڪوٽ ضلعي جي چونڊيل نمائندن جو فرض آهي ته اهي زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ جي ملازمن جون پگهارون جاري ڪرڻ ۾ مدد ڪن. پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو ته جيئن ملازمن جون پگهارون جاري ٿي سگهن، ۽ جيڪڏهن پگهارون جاري نه ٿيون ته يونيورسٽي ڪيمپس بند ٿيڻ جو خدشو آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ ٻارهن سئو شاگردن جي تعليم متاثر ٿي سگهي ٿي، هن چيو ته عمرڪوٽ ٽنڊو جام زرعي يونيورسٽي جي انتظاميا غير ذميواري جا رڪارڊ قائم ڪيا آهن. گذريل ٽن مهينن کان ڪئمپس جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون نه مليون آهن، پگهارون نه ملڻ سبب هندو برادري سميت مسلمان استاد ۽ ملازم بک جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. انهن جا ٻار به وقت جي ماني لاءِ ترسي رهيا آهن. جڏهن ته اقليتي استادن جو وڏو عيد به ويجهو اچي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي پگهارون نه مليون ته انهن جي خوشين تي به اثر پوندو، هن وڌيڪ چيو ته ملازمن ۽ استادن جون پگهارون نه ملڻ سبب ڪلاس بند آهن ۽ شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، پر ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي، هن چيو ته عمرڪوٽ ڪيمپس جا استاد ۽ ملازم گذريل 19 ڏينهن کان مسلسل احتجاج تي آهن، پر ملازمن جي احتجاج جي باوجود، ٽنڊوڄام انتظاميا، ايڇ اي سي ۽ سنڌ حڪومت انهن جي ڳالهه نه ٻڌي آهي، هن چيو ته اڄ اسان کي عمرڪوٽ پريس ڪلب پهچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، سوال ڪيمپس جي وجود جو آهي، جيڪڏهن پگهارون جاري نه ڪيون ويون ته استاد ۽ ملازم ڪيمپس کي تالا لڳائڻ تي مجبور ٿيندا، هن ايڇ اي سي، سنڌ جي وڏي وزير ۽ زراعت جي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون جلد جاري ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ اهي ڪيمپس کي تالا هڻي سخت تحريڪ شروع ڪندا ۽ احتجاج جو دائرو وڌائيندا.

بقايا 37

ڊائريڪٽوريٽ صوبائي محتسب ميرپورخاص ۽ سماجي تنظيم هيلپنگ هينڊز جي تعاون سان اسڪلز ڊولپمينٽ سينٽر سيٽلائيٽ ٽائون آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري ۽ آگاهي پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شڪايت ڪندڙ ڪنهن به صوبائي سرڪاري اداري جي شڪايت بابت سادي ڪاغذ تي لکت ۾ پنهنجي شڪايت جي درخواست ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعلي ميرپور خاص آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو هن شاگردن ۽ شاگرديائين کي مختلف ٽيڪنيڪل تعليم ۽ مهارتون فراهم ڪرڻ لاءِ هيلپنگ هينڊز جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ٽيسٽنگ ڪان پوءِ آئي ٽي شعبي جي باصلاحيت شاگرديائين کي صوبائي محتسب اعلي جي هيڊ آفيس ۾ مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، ان موقعي تي ڊپٽي رجسترار محتسب اعلي سڄاد احمد سومرو چيو ته صوبائي محتسب اعلي ميرپورخاص ۾ هن وقت تائين تائين 15,000 مختلف شڪايتن جون درخواستون مليون آهن، جن مان 13,000 شڪايتون حل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته باقي شڪايتن تي جانچ هلنڊڙ آهي، ان موقعي تي هيلپنگ هينڊز جي ريجنل هيڊ سنڌ علي محمد پناڻ چيو ته هيلپنگ هينڊز هڪ بين الاقوامي سماجي تنظيم آهي جنهن جو مقصد اسان جي پياري ملڪ جي غريب، ضرورتمند، بي سهارا ۽ نوجوانن کي بهتر انداز ۾ فني تعليم سان آراسته ڪرڻ آهي ته جيئن اهي سماج جا سٺا فرد بڻجي سگهن ۽ سماجي ترقي ۾ پ هٿجي حصو ملائي سگهن. هن چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم جو بنيادي مقصد انساني زندگين کي بهتر بڻائڻ، انهن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ ۽ انساني رشتن کي مضبوط ڪرڻ آهي، ان موقعي تي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جنيد مرزا چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم نوجوان شاگردن ۽ شاگرديائين جي فني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ان موقعي تي اداري جي پرنسپل ميڊم عزيزه سلطانه چيو ته اداري ۾ مختلف ٽيڪنيڪل شعبن ۾ 5 استادن ۽ مختلف فني شعبن ۾ 102 شاگردن ۽ شاگرديائين کي فني تعليم ۽ مهارت جي تربيت ڏني پئي وڃي، ان موقعي تي ريجنل ايجوڪيشن آفيسر سلمان خالد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام رضا کوسو، آئي ٽي ڊپارٽمينٽ انچارج مس ترڪش، بيوٽيشين ٽرينر مس طاهره قادر ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان کان اڳ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي ذوالفقار علي جوٽيجو اداري جي مختلف فني شعبن جو دورو پڻ ڪيو

بقايا 38

ضلع ناظم ٿرپارڪر ارباب انور پڻ سرڪاري ملازمن سان اظهار يڪجهتي طور احتجاجي ڪئمپ تي شرڪت ڪئي ۽ چيو ته اسين هر موڙ تي سرڪاري ملازمن سان گڏ آهيون ۽ انهن هميشه سنڌ جي عوام جي حقن تي راتاهو هنيو هو هن پيري هو توهان ملازمن جو جذبو ۽ اتحاد ڏسي بوکلاٽجي ويا آهن پر انهن حڪمرانن کي آخر اوهان جي اڳيان گوڏا کوڙڻا پوندا ڪئمپ ۾ شريڪ مختلف سرڪاري تنظيمن جي اڳواڻن جيتيش راڻي، ارباب غضنفر، قربان انڙ، انب جوٽيجو، محمد صديق دل، محمد عيسي سميجو، وجهَ شرما، ڊاڪٽر رئيس، نريش ڪمار، صابر اوٺو، شاهنواز راهمون، اشوڪ خاموش، اصغر ۽ ٻين چيو ته اسان جي جدوجهد اڃا وڌيڪ زور وٺي رهي آهي پر حڪمرانن جي مسلسل ڪن لاٽار انهي کي ظاهر ڪري ٿي ته هو اجائي هوڏ تي قائم آهن آهي ڀلي اسان تي آنسو گئس جا شيل هلائين، يا واٽر ڪينن جا وسڪارا ڪن پر اسان جي حوصلن کي پست نٿا ڪري سگهن حڪومت ڀلي لاٺي چارج جي لاءِ لٺين تي تيل لڳائي رکن پر اسان جي اٽل ارادا ۽ اڏول چاٽيون سنڌ حڪومت جو هر ستم سهي به آخر فتحياب ٿيندا ۽ حڪومت کي پنهنجا آهي ڪارا قانون واپس وٺڻا پوندا.

بقايا 39

مطالبو ڪري رهيا آهن. تفصيلي رپورٽ موجب عمرڪوٽ پريس ڪلب جي ٻاهران، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ٽيچرس آرگنائيزيشن (سائوٽا) ۽ ٽنڊوڄام ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي (اي اي سي) جي اڳواڻن، سائوٽا جي صدر ڊاڪٽر فهد نذير کوسو، ڊاڪٽر جاويد گدائي، ڊاڪٽر خالد ٽالپر، ڊاڪٽر فرمان چانڊيو، محمد سليم چانگ ۽ ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن اصغر خاصخيلي، عبدالحئي پٽو، رحمت الله ڪنيار، گل حسن منگريو ۽ ٻين گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ احتجاج ڪيو ان موقعي تي ملازمن چيو ته عمرڪوٽ ضلعو تعليم جي ميدان ۾ سڄي سنڌ ۾ سڀ کان مٿي آهي ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن جا شاگرد ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ جي تياري لاءِ هتي پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. هاڻي اهو سول سوسائٽي، قانوني برادري ۽ عمرڪوٽ ضلعي جي چونڊيل نمائندن جو فرض آهي ته اهي زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ جي ملازمن جون پگهارون جاري ڪرڻ ۾ مدد ڪن. پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو ته جيئن ملازمن جون پگهارون جاري ٿي سگهن، ۽ جيڪڏهن پگهارون جاري نه ٿيون ته يونيورسٽي ڪيمپس بند ٿيڻ جو خدشو آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ ٻارهن سئو شاگردن جي تعليم متاثر ٿي سگهي ٿي، هن چيو ته عمرڪوٽ ٽنڊو جام زرعي يونيورسٽي جي انتظاميا غير ذميواري جا رڪارڊ قائم ڪيا آهن. گذريل ٽن مهينن کان ڪئمپس جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون نه مليون آهن، پگهارون نه ملڻ سبب هندو برادري سميت مسلمان استاد ۽ ملازم بک جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. انهن جا ٻار به وقت جي ماني لاءِ ترسي رهيا آهن. جڏهن ته اقليتي استادن جو وڏو عيد به ويجهو اچي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي پگهارون نه مليون ته انهن جي خوشين تي به اثر پوندو، هن وڌيڪ چيو ته ملازمن ۽ استادن جون پگهارون نه ملڻ سبب ڪلاس بند آهن ۽ شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، پر ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي، هن چيو ته عمرڪوٽ ڪيمپس جا استاد ۽ ملازم گذريل 19 ڏينهن کان مسلسل احتجاج تي آهن، پر ملازمن جي احتجاج جي باوجود، ٽنڊوڄام انتظاميا، ايڇ اي سي ۽ سنڌ حڪومت انهن جي ڳالهه نه ٻڌي آهي، هن چيو ته اڄ اسان کي عمرڪوٽ پريس ڪلب پهچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، سوال ڪيمپس جي وجود جو آهي، جيڪڏهن پگهارون جاري نه ڪيون ويون ته استاد ۽ ملازم ڪيمپس کي تالا لڳائڻ تي مجبور ٿيندا، هن ايڇ اي سي، سنڌ جي وڏي وزير ۽ زراعت جي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون جلد جاري ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ اهي ڪيمپس کي تالا هڻي سخت تحريڪ شروع ڪندا ۽ احتجاج جو دائرو وڌائيندا.

بقايا 40

ڊائريڪٽوريٽ صوبائي محتسب ميرپورخاص ۽ سماجي تنظيم هيلپنگ هينڊز جي تعاون سان اسڪلز ڊولپمينٽ سينٽر سيٽلائيٽ ٽائون آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري ۽ آگاهي پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شڪايت ڪندڙ ڪنهن به صوبائي سرڪاري اداري جي شڪايت بابت سادي ڪاغذ تي لکت ۾ پنهنجي شڪايت جي درخواست ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعلي ميرپور خاص آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو هن شاگردن ۽ شاگرديائين کي مختلف ٽيڪنيڪل تعليم ۽ مهارتون فراهم ڪرڻ لاءِ هيلپنگ هينڊز جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ٽيسٽنگ ڪان پوءِ آئي ٽي شعبي جي باصلاحيت شاگرديائين کي صوبائي محتسب اعلي جي هيڊ آفيس ۾ مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، ان موقعي تي ڊپٽي رجسترار محتسب اعلي سڄاد احمد سومرو چيو ته صوبائي محتسب اعلي ميرپورخاص ۾ هن وقت تائين تائين 15,000 مختلف شڪايتن جون درخواستون مليون آهن، جن مان 13,000 شڪايتون حل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته باقي شڪايتن تي جانچ هلنڊڙ آهي، ان موقعي تي هيلپنگ هينڊز جي ريجنل هيڊ سنڌ علي محمد پناڻ چيو ته هيلپنگ هينڊز هڪ بين الاقوامي سماجي تنظيم آهي جنهن جو مقصد اسان جي پياري ملڪ جي غريب، ضرورتمند، بي سهارا ۽ نوجوانن کي بهتر انداز ۾ فني تعليم سان آراسته ڪرڻ آهي ته جيئن اهي سماج جا سٺا فرد بڻجي سگهن ۽ سماجي ترقي ۾ پ هٿجي حصو ملائي سگهن. هن چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم جو بنيادي مقصد انساني زندگين کي بهتر بڻائڻ، انهن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ ۽ انساني رشتن کي مضبوط ڪرڻ آهي، ان موقعي تي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جنيد مرزا چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم نوجوان شاگردن ۽ شاگرديائين جي فني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ان موقعي تي اداري جي پرنسپل ميڊم عزيزه سلطانه چيو ته اداري ۾ مختلف ٽيڪنيڪل شعبن ۾ 5 استادن ۽ مختلف فني شعبن ۾ 102 شاگردن ۽ شاگرديائين کي فني تعليم ۽ مهارت جي تربيت ڏني پئي وڃي، ان موقعي تي ريجنل ايجوڪيشن آفيسر سلمان خالد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام رضا کوسو، آئي ٽي ڊپارٽمينٽ انچارج مس ترڪش، بيوٽيشين ٽرينر مس طاهره قادر ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان کان اڳ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي ذوالفقار علي جوٽيجو اداري جي مختلف فني شعبن جو دورو پڻ ڪيو

بقايا 41

ڊائريڪٽوريٽ صوبائي محتسب ميرپورخاص ۽ سماجي تنظيم هيلپنگ هينڊز جي تعاون سان اسڪلز ڊولپمينٽ سينٽر سيٽلائيٽ ٽائون آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري ۽ آگاهي پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شڪايت ڪندڙ ڪنهن به صوبائي سرڪاري اداري جي شڪايت بابت سادي ڪاغذ تي لکت ۾ پنهنجي شڪايت جي درخواست ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعلي ميرپور خاص آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو هن شاگردن ۽ شاگرديائين کي مختلف ٽيڪنيڪل تعليم ۽ مهارتون فراهم ڪرڻ لاءِ هيلپنگ هينڊز جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ٽيسٽنگ ڪان پوءِ آئي ٽي شعبي جي باصلاحيت شاگرديائين کي صوبائي محتسب اعلي جي هيڊ آفيس ۾ مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، ان موقعي تي ڊپٽي رجسترار محتسب اعلي سڄاد احمد سومرو چيو ته صوبائي محتسب اعلي ميرپورخاص ۾ هن وقت تائين تائين 15,000 مختلف شڪايتن جون درخواستون مليون آهن، جن مان 13,000 شڪايتون حل ڪيون ويون آهن. جڏهن ته باقي شڪايتن تي جانچ هلنڊڙ آهي، ان موقعي تي هيلپنگ هينڊز جي ريجنل هيڊ سنڌ علي محمد پناڻ چيو ته هيلپنگ هينڊز هڪ بين الاقوامي سماجي تنظيم آهي جنهن جو مقصد اسان جي پياري ملڪ جي غريب، ضرورتمند، بي سهارا ۽ نوجوانن کي بهتر انداز ۾ فني تعليم سان آراسته ڪرڻ آهي ته جيئن اهي سماج جا سٺا فرد بڻجي سگهن ۽ سماجي ترقي ۾ پ هٿجي حصو ملائي سگهن. هن چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم جو بنيادي مقصد انساني زندگين کي بهتر بڻائڻ، انهن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ ۽ انساني رشتن کي مضبوط ڪرڻ آهي، ان موقعي تي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جنيد مرزا چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم نوجوان شاگردن ۽ شاگرديائين جي فني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ان موقعي تي اداري جي پرنسپل ميڊم عزيزه سلطانه چيو ته اداري ۾ مختلف ٽيڪنيڪل شعبن ۾ 5 استادن ۽ مختلف فني شعبن ۾ 102 شاگردن ۽ شاگرديائين کي فني تعليم ۽ مهارت جي تربيت ڏني پئي وڃي، ان موقعي تي ريجنل ايجوڪيشن آفيسر سلمان خالد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام رضا کوسو، آئي ٽي ڊپارٽمينٽ انچارج مس ترڪش، بيوٽيشين ٽرينر مس طاهره قادر ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان کان اڳ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي ذوالفقار علي جوٽيجو اداري جي مختلف فني شعبن جو دورو پڻ ڪيو

بقايا 42

مطالبو ڪري رهيا آهن. تفصيلي رپورٽ موجب عمرڪوٽ پريس ڪلب جي ٻاهران، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ٽيچرس آرگنائيزيشن (سائوٽا) ۽ ٽنڊوڄام ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي (اي اي سي) جي اڳواڻن، سائوٽا جي صدر ڊاڪٽر فهد نذير کوسو، ڊاڪٽر جاويد گدائي، ڊاڪٽر خالد ٽالپر، ڊاڪٽر فرمان چانڊيو، محمد سليم چانگ ۽ ايمپلائيز ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن اصغر خاصخيلي، عبدالحئي پٽو، رحمت الله ڪنيار، گل حسن منگريو ۽ ٻين گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ احتجاج ڪيو ان موقعي تي ملازمن چيو ته عمرڪوٽ ضلعو تعليم جي ميدان ۾ سڄي سنڌ ۾ سڀ کان مٿي آهي ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن جا شاگرد ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ جي تياري لاءِ هتي پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. هاڻي اهو سول سوسائٽي، قانوني برادري ۽ عمرڪوٽ ضلعي جي چونڊيل نمائندن جو فرض آهي ته اهي زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ جي ملازمن جون پگهارون جاري ڪرڻ ۾ مدد ڪن. پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو ته جيئن ملازمن جون پگهارون جاري ٿي سگهن، ۽ جيڪڏهن پگهارون جاري نه ٿيون ته يونيورسٽي ڪيمپس بند ٿيڻ جو خدشو آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ ٻارهن سئو شاگردن جي تعليم متاثر ٿي سگهي ٿي، هن چيو ته عمرڪوٽ ٽنڊو جام زرعي يونيورسٽي جي انتظاميا غير ذميواري جا رڪارڊ قائم ڪيا آهن. گذريل ٽن مهينن کان ڪئمپس جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون نه مليون آهن، پگهارون نه ملڻ سبب هندو برادري سميت مسلمان استاد ۽ ملازم بک جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. انهن جا ٻار به وقت جي ماني لاءِ ترسي رهيا آهن. جڏهن ته اقليتي استادن جو وڏو عيد به ويجهو اچي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي پگهارون نه مليون ته انهن جي خوشين تي به اثر پوندو، هن وڌيڪ چيو ته ملازمن ۽ استادن جون پگهارون نه ملڻ سبب ڪلاس بند آهن ۽ شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، پر ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي، هن چيو ته عمرڪوٽ ڪيمپس جا استاد ۽ ملازم گذريل 19 ڏينهن کان مسلسل احتجاج تي آهن، پر ملازمن جي احتجاج جي باوجود، ٽنڊوڄام انتظاميا، ايڇ اي سي ۽ سنڌ حڪومت انهن جي ڳالهه نه ٻڌي آهي، هن چيو ته اڄ اسان کي عمرڪوٽ پريس ڪلب پهچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، سوال ڪيمپس جي وجود جو آهي، جيڪڏهن پگهارون جاري نه ڪيون ويون ته استاد ۽ ملازم ڪيمپس کي تالا لڳائڻ تي مجبور ٿيندا، هن ايڇ اي سي، سنڌ جي وڏي وزير ۽ زراعت جي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي استادن ۽ ملازمن جون پگهارون جلد جاري ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ اهي ڪيمپس کي تالا هڻي سخت تحريڪ شروع ڪندا ۽ احتجاج جو دائرو وڌائيندا.

بقايا 43

سماجي تنظيم هيلپنگ هينڊز جي تعاون سان اسڪلز ڊولپمينٽ سينٽر سيٽلائيٽ ٽائون آفيس ميرپورخاص ۾ کليل ڪچهري ۽ آگاهي پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شڪايت ڪندڙ ڪنهن به صوبائي سرڪاري اداري جي شڪايت بابت سادي ڪاغذ تي لکت ۾ پنهنجي شڪايت جي درخواست ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعلي ميرپور خاص آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو هن شاگردن ۽ شاگرديائين کي مختلف ٽيڪنيڪل تعليم ۽ مهارتون فراهم ڪرڻ لاءِ هيلپنگ هينڊز جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ٽيسٽنگ ڪان پوءِ آئي ٽي شعبي جي باصلاحيت شاگرديائين کي صوبائي محتسب اعلي جي هيڊ آفيس ۾ مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، ان موقعي تي ڊپٽي رجسترار محتسب اعلي سڄاد احمد سومرو چيو ته صوبائي محتسب اعلي ميرپورخاص ۾ هن وقت تائين تائين 15,000 مختلف شڪايتن جون درخواستون مليون آهن، جن مان 13,000 شڪايتون حل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته باقي شڪايتن تي جانچ هلنڊڙ آهي، ان موقعي تي هيلپنگ هينڊز جي ريجنل هيڊ سنڌ علي محمد پناڻ چيو ته هيلپنگ هينڊز هڪ بين الاقوامي سماجي تنظيم آهي جنهن جو مقصد اسان جي پياري ملڪ جي غريب، ضرورتمند، بي سهارا ۽ نوجوانن کي بهتر انداز ۾ فني تعليم سان آراسته ڪرڻ آهي ته جيئن اهي سماج جا سٺا فرد بڻجي سگهن ۽ سماجي ترقي ۾ پ هٿجي حصو ملائي سگهن. هن چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم جو بنيادي مقصد انساني زندگين کي بهتر بڻائڻ، انهن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ ۽ انساني رشتن کي مضبوط ڪرڻ آهي، ان موقعي تي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جنيد مرزا چيو ته هيلپنگ هينڊز تنظيم نوجوان شاگردن ۽ شاگرديائين جي فني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ان موقعي تي اداري جي پرنسپل ميڊم عزيزه سلطانه چيو ته اداري ۾ مختلف ٽيڪنيڪل شعبن ۾ 5 استادن ۽ مختلف فني شعبن ۾ 102 شاگردن ۽ شاگرديائين کي فني تعليم ۽ مهارت جي تربيت ڏني پئي وڃي، ان موقعي تي ريجنل ايجوڪيشن آفيسر سلمان خالد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام رضا کوسو، آئي ٽي ڊپارٽمينٽ انچارج مس ترڪش، بيوٽيشين ٽرينر مس طاهره قادر ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان کان اڳ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي ذوالفقار علي جوٽيجو اداري جي مختلف فني شعبن جو دورو پڻ ڪيو

عوام جي شڪايتن کي فوري طور تي حل ڪندي انصاف فراهم ڪرڻ آهي: ذوالفقار علي جوڻيجو

صوبائي محتسب اعلي جا ريجنل آفيس عوام کي فوري طور تي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن

صوبائي محتسب اعلي ميرپورخاص ۾ هن وقت تائين تائين 15,000 مختلف شڪايتن جون درخواستون مليون آهن

اسڪلز ڊولپمينٽ سينٽر سيٽلائيٽ ٽائون آفيس ميرپورخاص ۾ ڪليل ڪچهري ۽ آگاهي پروگرام کي خطاب دوران ڳالهيون

ميرپور خاص (سومارسميجو) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب ذوالفقار علي جوڻيجو چيو آهي ته صوبائي محتسب اعلي جي ذميواري عوام جي شڪايتن کي فوري طور تي حل ڪندي انصاف فراهم ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي 19 ضلعن ۾ صوبائي محتسب اعلي جا ريجنل آفيس عوام کي فوري طور تي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. هن اهڙو اظهار ريجنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جنگشاهي لڳ درگاهه حضرت سيد امير شاهه جيلاني رحمة الله عليه جو ميلو جاري

شهر کان ٻه ڪلوميٽر پري جنگشاهي- گجي روڊ تي سندس آخري آرامگاهه تي جاري آهي

حافظ شعيب رضا ۽ درگاهه جي گادي نشين غلام قادر جوکيو سان گڏجي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري

ملاڪڙي ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهون شريڪ ٿيا، جن ڪامياب پهلوانن جي همت افزائي ڪندي ڪين انعام سان نوازيو

جنگشاهي (ذوالفقار علي) جنگشاهي لڳ درگاهه حضرت سيد امير شاهه جيلاني رحمة الله عليه جو ٽن ڏينهن وارو ساليانو عرس مبارڪ هن سال سڀڻ روايتي عقيدت ۽ احترام سان جنگشاهي شهر کان ٻه ڪلوميٽر پري جنگشاهي- گجي روڊ تي سندس آخري آرامگاهه تي جاري آهي. تفصيل موجب، عرس جي موقعي تي حافظ عطاالرحمان فرزند مفتي سائين عبدالرحمان، حافظ شعيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جنگشاهي لڳ درگاهه حضرت سيد امير شاهه جيلاني رحمة الله عليه جو ميلي ۾ دعا گهري پئي وڃي

سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس ۽ ناپر برادري جي وچ ۾ جهيڙو

سکر (بيورو چيف عبدالاحد عباسي) سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس ۽ ناپر برادري جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو هڪ شخص محمد عمر ناپر جاني تي ويو جڏهن ته ٻه پوليس اهلڪار سخت زخمي ٿي اسپتال منتقل ڪيا ويا زخمي پوليس اهلڪارن کي اسپتال وٺي اچڻ تي ناپر برادري پاران پوليس تي غصو ظاهر ڪيو ويو جنهن سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

عمرڪوٽ سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪئمپس جي استادن ۽ ملازمن پاران احتجاج

عمرڪوٽ جي استادن ۽ ملازمن کي گذريل 3 مهينن کان پگهارون نه مليون، استاد ۽ ملازم سراپا احتجاج

ڊاڪٽر فهد نظير ڪوسو، ڊاڪٽر جاويد گاڏاي ِي، ڊاڪٽر خالد ٽالپر، ڊاڪٽر فرمان چانڊيو محمد سليم چانگ شريڪ

پگهارون نه ملڻ ڪري هندو ڪميٽي توڙي مسلم استاد ۽ ملازم فاقاڪشي جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

عمرڪوٽ (محمد بچل) عمرڪوٽ سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي استادن ۽ ملازمن کي گذريل ٽن مهينن کان پگهارون نه مليون آهن. استاد ۽ ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن ۽ فوري طور تي پگهارون جاري ڪرڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

عمرڪوٽ سنڌ زرعي يونيورسٽي سب ڪئمپس جي استادن ۽ ملازمن پاران احتجاج جو ڏيک

دادوءَ ۾ 10 ڏينهن کان سرڪاري آفيسون بند، ملازمن جو احتجاج ۽ 6 آڪٽوبر تي شرڪت جو فيصلو

دادو (رپورٽر) سنڌ ايمپلائيز الائنس سنڌ جي سڏ تي مختلف ادارن جيان اڄ ڏهين ڏينهن به DHQاسپتال دادو سميت چئن تعلقن ميهڙ،خيرپور ناٿن شاهه دادوجوهي جي بيسڪ هيلٿ يونٽن هيلٿ سينٽرن ۾ مڪمل تالا بندي ڪئي وئي صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽرن نرسنگ اسٽاف پئرا ميڊيڪل اسٽاف ليڊي هيلٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

اوباوڙو ۾ افسوسناڪ روڊ حادثو، آڏي بنگلي جي ويجهو ٽينڪر جي موٽرسائيڪل سوار فوت

نوجوان نالي علي حسن گهر کان شهر طرف وڃي رهيو هو ته اوچتو تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر ٿي پيو

پوليس تحويل ۾ وٺڻ بعد لاش کي سول اسپتال ڪشائي آئي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

اوباوڙو (عبدالحميد عباسي) اوباوڙو آڏي بنگلو لڳ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر لڳڻ سبب پوڙهيت چيپاٽجي فوت ٿي وئو. جڏهن ته فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي سوڳ جي لهر پکڙجي وئي، پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن ته ڊرائيور واقعي کان پوءِ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تفصيل موجب اوباوڙو لڳ آڏي بنگلو جو رهواسي پوڙهيت علي حسن آرائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ايس ٽي پي ٿرپارڪر جي ضلعي اڳواڻن پاران سنڌ ايمپلائيز الائنس جي جدوجهد جي حمايت

اسان جي قائد ڊاڪٽر قادرمگسي پڻ ان جدوجهد جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو آهي: گهنشام مالهي

پريس ڪلبن اڳيان احتجاج ڪري اهو پيغام ڏنو آهي ته سنڌ جي ٻين شهرن وانگر ٿرپارڪر جا ملازم به اڳيرا رهيا آهن

حڪمرانن هوش کان ڪم نه ورتو ۽ ملازمن جا مسئلا حل نه ڪيا ۽ جڏهن ملازمن پاران بلاول هائوس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

مٺي (محمدرحيم مگريو) ايس ٽي پي ٿرپارڪر جي ضلعي اڳواڻن گهنشام مالهي، شنڪرباغي، گل حسن لنڊ، راهو ڀيل، آدم هنگورجو، ڏيوجي ڀيل ۽ ٻين سڀني سنڌ ۾ هلندڙ سنڌ ايمپلائز الائنس جي جدوجهد جي حمايت ڪندي چيو آهي ته اسان جي قائد ڊاڪٽر قادرمگسي پڻ ان جدوجهد جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو آهي اسين ايس ٽي پي ٿرپارڪر پاران توهان ٿرپارڪر جي سمورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي سنڌ جي سرڪاري ملازمن جي حقن جي حاصلات جي لاءِ مظاهرو

حقن جي حاصلات جي هي جستجو، قلم ڇڏ هڙتال ۽ ادارن جي تالابندي ڏهين ڏينهن به جاري رهي

سابق ضلع ناظم ٿرپارڪر ارباب انور پڻ ملازمن سان اظهار يڪجهتي طور احتجاجي ڪئمپ تي شرڪت ڪئي

محمد صديق دل، محمد عيسي سميجو، وجئه شرما، ڊاڪٽر رئيس، نريش ڪمار، صابر اوٺو، شاهنواز راهمون شريڪ

مٺي (محمدرحيم مگريو) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي سنڌ جي سرڪاري ملازمن جي حقن جي حاصلات جي هي جستجو، قلم ڇڏ هڙتال ۽ ادارن جي تالابندي ڏهين ڏينهن به جاري رهي ڊي سي آفيس مٺي جي آڏو قائم احتجاجي ڪئمپ ۾ سابق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪشمور جي ڪچي واري علائقي ۾ پراڻي تڪرار تان شر ۽ ڪوش برادري ۾ جهيڙو هڪ قتل

پراڻي تڪرار تان شر ۽ ڪوش برادري جي ٻن ۾ جهيڙو ۽ فائرنگ گولين لڳڻ سبب هڪ مارجي ويو

واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن: ذريعن جي دعويٰ

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور جي ڪچي واري علائقي ۾ پراڻي تڪرار تان شر ۽ ڪوش برادري جي ٻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

اداڪارا ڪنزا هاشمي مردن بابت پنهنجون ترجيحات ظاهر ڪري ڇڏيون

رشتي ۾ وفاداري سڀ کان اهم آهي، مان اهڙي شخص کي ترجيح ڏينديس جيڪو سچو ۽ وفادار هجي: ڪنزا هاشمي

هڪ پروگرام دوران اداڪارا ڪرڪيٽ اسٽار بابر اعظم کي شاداب خان تي ترجيح ڏني

ڪراچي (شوبز نيوز) اداڪارا ڪنزا هاشمي ٻڌايو آهي ته ڪيس کهڙي قسم جا مرد وڌيڪ متاثر ڪندا آهن. ڪنزا هاشمي تازو هڪ پروگرام ۾ پنهنجي ذاتي زندگي، پسند ۽ ناپسند بابت کليل نموني ڳالهايو مردن جي حوالي سان هن چيو ته مان سڀ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڀارت ۾ هڪ ڀيرو وري محبت جي نشاني "تاج" کي تاراج ڪرڻ جي ڪوشش

نئين دهلي (شوبز نيوز) ڀارت ۾ هڪ ڀيرو وري محبت جي نشاني طور شهرت رکندڙ تاج محل تي تڪراري بڻائڻ جي سازش ڪئي وئي آهي. سينيئر بالي ووڊ اداڪار پاريش راول پنهنجي نئين فلم دي "تاج اسٽوري" جو پوسٽر سوشل ميڊيا تي شيئر ڪيو، جنهن ۾ تاج محل جي گنبد تان شيو جي مورتي نروار ٿيندي نظر اچي رهي آهي. تڪراري پوسٽر وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ سوشل ميڊيا واهپيدارن طرفان سخت ٽرول ٿيڻ تي پاريش راول پوسٽر ڊليٽ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو،پئي فلم جي پروڊڪشن ٽيم بيان جاري ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڏهاڪي جي سڀ کان وڌيڪ سرچ ڪئي ويندڙ اداڪارا ڪير آهي؟

سڀ کان وڌيڪ سرچ ڪئي ويندڙ بالي ووڊ شخصيت جنهن شاهه رخ خان، سلمان خان، پرياس جهڙن سپر اسٽارن کي به پوئتي ڇڏي ڏنو

ان فهرست ۾ دپيڪا پڊڪون پهرئين نمبر تي آهي، جڏهن ته شاهه رخ خان ٻئي نمبر تي رهيو

انٽرنيٽ مووي ڊيٽابيس (شوبز نيوز) جي تازي رپورٽ موجب دپيڪا پڊڪون گذريل ڏهاڪي جي سڀ کان وڌيڪ سرچ ڪئي ويندڙ بالي ووڊ شخصيت طور سامهون آئي آهي. جنهن شاهه رخ خان، سلمان خان، پرياس جهڙن سپر اسٽارن کي به پوئتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

محرابپور ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي سوين ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

اسڪول محبوب علي جوکيو کان ريلي ڪڍي علي علي پي سي او چوڪ تي احتجاجي ڌرڻو لڳايو ويو

تعلقي جي سوين ملازمن پاران پنهنجي جائز حقن جي حاصلات خاطر روڊن تي نڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي

محرابپور (رپورٽر) محرابپور ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي سوين ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول محبوب علي جوکيو کان ريلي ڪڍي علي علي پي سي او چوڪ تي احتجاجي ڌرڻو لڳايو ويو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

محرابپور ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي سوين ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جو ڏيک

اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه پاران پنهنجي تڪ صالح پٽ ڪنڌرا جو دورو

پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو لائبريري نهڻ دوران چت ڏماڪي سان ڪرڻ جو مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري

ڪنڌيولال عرف پتو مل روپيچا ٽائون آفيسر محمدعلي لغاري اڳواڻ هندو پنچائت ڪنڌرا جو مکي موجود هئا

سکر (بيورو چيف عبدالاحد عباسي) اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه پاران پنهنجي تڪ صالح پٽ ڪنڌرا جو دورو ڪيو ويو انهي دوران پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو لائبريري نهڻ دوران چت ڏماڪي سان ڪرڻ جو مسئلو سميت ٽائون ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن پاران گڏو بئراج آفيس کي تالا لڳائي احتجاجي مظاهرو

احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي شهزاد عباسي عامر ميراني لعل بخش خان پناڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

ڌرڻو هنيو ويندو ۽ جيستائين نوٽيفڪيشن واپس نه ٿيندو تيستائين ڌرڻو جاري رهندو: مظاهرين جون ڳالهيون

سکر (بيورو چيف عبدالاحد عباسي) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن پاران گڏو بئراج آفيس کي تالا لڳائي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

اوباوڙو ۾ افسوسناڪ روڊ حادثو، آڏي بنگلي جي ويجهو ٽينڪر جي موٽرسائيڪل سوار فوت

نوجوان نالي علي حسن گهر کان شهر طرف وڃي رهيو هو ته اوچتو تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر ٿي پيو

پوليس تحويل ۾ وٺڻ بعد لاش کي سول اسپتال ڪشائي آئي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

اوباوڙو (رپورٽر) اوباوڙو ويجهو آڏي بنگلي لڳ ڏهرڪي منڊي ۾ سبزي ڪٽي ويندڙ موٽر سائيڪل سوار کي آئل ٽينڪر جو ٽڪر ٿي پيو ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار پوڙهيت علي حسن آرائين موقعي تي فوت ٿي ويو جتي آس پاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پ پ پ تعلقي سامارو جي گڏجاڻي ٿي گذري، اهم معاملن تي ڳالهيون

ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو -سابق انفارميشن سيڪريٽري برهان ڪنڀار شريڪ

5 آڪٽومبر تي ميرپورخاص ۾ نئين چونڊجي آيل ڊويزنل عهديدارن جو استقبال ڪيو ويندو: اڳواڻ

عمرڪوٽ (محمد بچل) پ پ پ تعلقي سامارو جي گڏجاڻي ٿي گذري گڏجاڻي ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو سابق انفارميشن سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پ پ پ تعلقي سامارو جي گڏجاڻي ٿي گذري آهي

ڪوٽڏيجي سائيٽ ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، ڪيس داخل نه ٿيو

ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ شورا ۽ پناڻ برادرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

گهنور شورو، مقصود شورو ۽ ممتاز شورو زخمي ٿي پيا زخمين کي ڊي ايچ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) ڪوٽڏيجي سائيٽ ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا سائيٽ جي خورشيد چونڪ واري علائقي ۾ ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ شورا ۽ پناڻ برادرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران ڏنڊا ۽ سروٽا لڳڻ سبب گهنور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪوٽڏيجي سائيٽ ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي

ٺري ميرواهه ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ڏهين ڏينهن به مختلف ڪاتن پاران احتجاج

مختلف ڪاتن جي سرڪاري ملازمن پاران اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواهه جي آفيس سامهون مظاهرو

ملازمن کي سن ڪوٽا فوتي ڪوٽا ۽ پينشن الائونس سميت تمام سهولتون ڏنيون وڃن: مظاهرين

ٺري ميرواهه (رپورٽر) ٺري ميرواهه ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ڏهين ڏينهن به مختلف ڪاتن جي سرڪاري ملازمن پاران سرڪاري آفيسن کي تالا ڏئي احتجاج جاري مختلف ڪاتن جي سرڪاري ملازمن پاران اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواهه جي آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڪنري جي هڪ گڏجاڻي منعقد، اهم معاملن تي ڳالهيون

شاهنواز جوڻيجو ۽ سٽي صدر مهر غلام مصطفيٰ آرائين جي صدارت هيٺ مهر هائوس تي ٿي

چونڊيل ڊويزنل عهديدارن جي اعزاز ۾ رکيل پروگرام ۾ ڀرپور شرڪت جو لائحه عمل ترتيب ڏنو ويو

عمرڪوٽ (محمدبچل) پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڪنري جي هڪ گڏجاڻي، تعلقي صدر شاهنواز جوڻيجو ۽ سٽي صدر مهر غلام مصطفيٰ آرائين جي صدارت هيٺ پيپلز سيڪريٽريٽ مهر هائوس تي ٿي گذري. گڏجاڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڪنري جي هڪ گڏجاڻي منعقد ٿي آهي

سنڌي ادبي سنگت شاخ باڊهه جي اڳوڻي سيڪريٽري ۽ چئن ڪتابن جي مصنف جي ياد ۾ ميڙاڪو

مصنف رياض ابڙو جي اوچتي وچوڙي تي س ا س شاخ باڊهه پاران ٽي ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو

سيڪريٽري اقبال ڪوکر، ڪائونسلر اڪبر آزاد هيسباڻي، جوائنٽ سيڪريٽري سارنگ امر پاران تعزيت

باڊهه (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ باڊهه جي اڳوڻي سيڪريٽري ۽ چئن ڪتابن جي مصنف رياض ابڙو جي اوچتي وچوڙي تي س ا س شاخ باڊهه پاران ٽي ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ س ا س شاخ باڊهه جي عهديدارن سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي ۾ قتل ٿيل نجي ٽي وي نيوز جي اينڪرپرسن امتياز مير جي قاتلن خلاف احتجاج

پريس ڪلب لياقت علي ڪوسو، بقا محمد بنگوار، راجا گوپي چند، پير بخش بنگوار مظاهرو ڪيو

سنڌ ۾ صحافت ڪرڻ خطرناڪ ٿي ويو آهي امتياز مير کي هڪ سازش تحت قتل ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ڪراچي ۾ قتل ٿيل نجي ٽي وي نيوز جي سينيئر اينڪرپرسن امتياز مير جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب جي صحافين جو صدر پريس ڪلب لياقت علي ڪوسو، بقا محمد بنگوار، راجا گوپي چند، پير بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪنڊيارو لڳ لنڊو موري واري خوني واقعي ۾ قتل ٿيل واٿهڙو شاهد راڄپر جو ڪيس داخل

اقبال ڏاهري، جاويد ڏاهري، پورو خان ڏاهري، مختيار، علي رضا سميت ڇهن ڄڻن تي ڪيس داخل

ذاتي دشمني تان لنڊو موري وٽ ارشاد ڏاهري ۽ رسول بخش ڏاهري کي گولين هڻي قتل ڪيو هو: موقف

رئيس احمد خان راڄپر ۽ ضلعي نوشهروفيروز، ٺري ميرواهه ۽ فيض گنج جي عهديدارن سميت برادري جا معزز پهتا

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو لڳ لنڊو موري واري خوني واقعي ۾ قتل ٿيل واٿهڙو شاهد راڄپر جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي مقتول شاهد راڄپر جي ڀاءُ حنيف راڄپر جي فرياد تي ڪنڊيارو ٿاڻي تي اقبال ڏاهري، جاويد ڏاهري، پورو خان ڏاهري، مختيار، علي رضا سميت ڇهه سڃاتل ۽ ٽي نامعلوم جوابدارن خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو فريادي حنيف راڄپر موقف اختيار ڪيو ته جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

اسڪول تعليمي کاتي ۽ جائڪا پاران سنڌ ۾ رياضيءَ جي تعليم کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ورڪشاپ ختم

درسي ڪتابن جي ليکڪن ۽ ايڊيٽرن، درسي ڪتابن ۽ نصاب جي ماهرن ۽ پاليسي سازن شرڪت ڪئي

رياضيءَ جي تعليم جي ثقافتي پهلوئن بابت قيمتي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي آهي- ٽيم جو ٽورائٽو آهيان پرويز احمد

يوشيتاڪا تاناڪا منعقد ڪيو، جنهن ۾ رياضي جي ثقافتي دائرن ۽ انهن ۾ سکيا جي طريقن جي فرق بابت روشني وڌي وئي

ڪوٽڙي (رپورٽر) اسڪول تعليمي کاتي ۽ جائڪا پاران سنڌ ۾ رياضيءَ جي تعليم کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻن ڏينهن واري ورڪشاپ جي پڄاڻي جامشورو، 2 آڪٽوبر 2025 – اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ پاران، حڪومت سنڌ، جپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي (JICA)جي سهڪار سان، سنڌ ۾ رياضيءَ جي تعليم کي مضبوط ڪرڻ جي ڏس ۾ صلاحيتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪوٽڙي: اسڪول تعليمي کاتي ۽ جائڪا پاران سنڌ ۾ رياضيءَ جي تعليم کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ورڪشاپ جو ڏيک

دادو ۾ خوراڪ کاتي جوهي جي فوڊ انسپيڪٽر غلام سرور سومرو پاران احتجاج رڪارڊ

دادو (رپورٽر) خوراڪ کاتي جوهي جي فوڊ انسپيڪٽر غلام سرور سومرو دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مان فوڊ انسپيڪٽر انچارج ڊبليو پي سي جوهي ڪراپ 20,23,2024 گذريل سال انچارج هئس 24 هزار ڪٽڪ جون ٻوريون جوهي شهر جي سينٽر ۾ رکيم جڳهه گهٽ هجڻ جي ڪري باقي ڪٽڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سينيئر صحافي ۽ ٽي وي اينڪر شهيد امتياز مير جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

امتياز مير جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف نيشنل پريس ڪلب خيرپور جا صحافي سراپا احتجاج بڻجي ويا

نائب صدر عمر ملڪ، محمد بخش راڄپر، عمران مانگٽ . اياز احمد سوهو ۽ ٻين صحافي اڳواڻن پاران شرڪت

قلم جي آواز کي دٻائڻ ۽ آزادي صحافت کي محدود ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن: اڳواڻن جون مظاهري ۾ ڳالهيون

خيرپور ميرس (رپورٽر) سينيئر صحافي ۽ ٽي وي اينڪر شهيد امتياز مير جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف نيشنل پريس ڪلب خيرپور جا صحافي سراپا احتجاج بڻجي ويا ان سلسلي ۾ پراڻي قومي شاهراهه تي هڪ وڏي احتجاجي مظاهري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سينيئر صحافي ۽ ٽي وي اينڪر شهيد امتياز مير جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف احتجاج جو ڏيک

حڪومت پاران ڊي آر اي، پينشن ۾ ڪٽوتين ۽ سرڪاري ملازمن خلاف چونڊڪو ۾ احتجاجي ريلي

سوراهه (رپورٽر)سنڌ حڪومت پاران ڊي آر اي، پينشن ۾ ڪٽوتين ۽ سرڪاري ملازمن خلاف لاڳو ڪيل مختلف نوٽيفڪيشنن ۽ زيادتين خلاف استاد تنظيمن جي سڏ تي سنڌ ايمپلائز ايسوسيئيشن جي پليٽفارم تان چونڊڪو ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ استادن ۽ سرڪاري ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي هائر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي جي علائقي مليرپينس ڪالوني لڳ پيراڻو ڳوٺ ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ٻارڙو فوت

حادثي جي نتيجي ۾ نون ورهين جو معصوم ٻارڙو غلام مصطفيٰ ولد نادر شر سخت زخمي ٿي پيو

اوچتو ڪمزور ڪمري جي ڇت ڪري پئي جنهن سبب گهر جو وڏو حصو ملبي جو ڍير بڻجي ويو: وارث

ملير (رپورٽر) پينس ڪالوني پيراڻو ڳوٺ ويجهو گهر جي پٽ ۽ ڇت ڪرڻ سبب هڪ ٻارڙو فوت، عورت ۽ هڪ ٻار زخمي، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل، خبر موجب: پينس ڪالوني روڊ نمبر 12 پيراڻو ڳوٺ ويجهو گهر جي پٽ ۽ ڇت ڪرڻ سبب هڪ ٻارڙو فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ عورت ۽ هڪ ٻار زخمي ٿي پيا، فوتي ٻارڙي جي سڃاڻپ ٽن ورهين جي غلام حسين پٽ نادر حسين طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي خدمتگار خليفي کي ڌمڪين وارو معاملو

صدام حسين جوکيو کي ملندڙ موتمار ڌمڪين توڙي ٿيل قاتلاڻا حملن بعد خط پوسٽ آفيس ذريعي موڪليو ويو.

غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صداحسين جوکيو هڪ مهيني اندر 50 لک روپيه ڏيڻ ۽ درگاهه فورن خالي ڪن

نيلي جي سرڪاري پرميشن حاصل ڪرڻ باوجود سڄي ميلي ۾ عوام جي تحفظ لاءِ صرف 2 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن

ٺٽو(واحدشورو) جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي خدمتگار خليفي غلام قادر جوکيو پاران ڪيس توڙي سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو کي ملندڙ موتمار ڌمڪين توڙي ٿيل قاتلاڻا حملن بعد ڪيس وڌيڪ هڪ خط پوسٽ آفيس ذريعي موڪليو ويو. جيڪو خط درگاهه جو خدمتگار غلام قادر جوکيو ڪٿي پريس ڪلب ٺٽي پهچي ويو جتي صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو پوليس جي بهترين ڪاروائي، ڦرلٽ ۽ موٽرسائيڪل ڦرجي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث جوابدار گرفتار

ملوث جوابدار کي پوليس مقابلي دوران ڏوهن ۾ استعمال ٿيندڙ پستول سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

موري لنڪ روڊ تي پوليس ۽ شڪي ماڻهن جي وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار

پوري پوليس پارٽي کي اهڙن ڏوهارين کي پنهنجي منطقي انجام تائين پهچائڻ سندن بهترين پاليسن جو حصو هجڻ گهرجي

ٺٽو (واحدشورو) ٺٽو پوليس جي بهترين ڪاروائي، ڦرلٽ ۽ موٽرسائيڪل ڦرجي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث جوابدار کي پوليس مقابلي دوران ڏوهن ۾ استعمال ٿيندڙ پستول سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ٺٽي پوليس اسٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سنڌ ترقي پسند پارٽي ماتلي جي تحريڪ جو ٻيو مرحلو، آئيس، منشيات ۽ بدامني خلاف اي پي سي منعقد

شهر ۾ آئيس، منشيات ۽ بدامني خلاف هلندڙ تحريڪ جي ٻئي مرحلي ۾ آل پارٽي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

گل محمد شاهه، اسلم مهندو، تاجر اڳواڻ مجاهد راجپوت، مسافر هاليپوٽو، اسلم قائمخاني ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي

ماتلي (رپورٽر)سنڌ ترقي پسند پارٽي ماتلي جي تحريڪ جو ٻيو مرحلو، آئيس، منشيات ۽ بدامني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اي بي ڊيويليئرز کي ايشيا ڪپ ۾ ڀارتي ٽيم جي رويي مايوس ڪري ڇڏيو

ڀارتي ٽيم شايد خوش نه هئي جنهن کان ٽرافي وٺڻي هئي، لڳي ٿو ته ان جو راند سان ڪو تعلق هو

سياست کي راند کان الڳ رکڻ گهرجي، راند هڪ الڳ شيءِ آهي ۽ ان جو جشن ملهائڻ گهرجي: اي بي ڊيويليئرز

ڪيپ ٽائون (اسپورٽس نيوز) ڏکڻ آفريقا جي اڳوڻي ڪپتان ۽ عالمي شهرت يافتا بيٽر اي بي ڊيويليئرز به ايشيا ڪپ دوران ڀارتي ٽيم جي اسپورٽس مين اسپرٽ خلاف روين تي خاموشي ٽوڙي ڇڏي.هڪ پروگرام ۾ خيالن جو اظهار ڪندي اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

رانديگرن جي اين او سي روڪڻ وارو معاملو، آسٽريلوي بورڊ کي ڦقڙي، پي سي بي سان رابطو

ميلبورن (اسپورٽس نيوز) ڪرڪيٽ آسٽريليا جي سي اي او ٽوڊ گرينبرگ اميد ظاهر ڪئي آهي ته پاڪستاني ڪرڪيٽرز کي هن سال به بيگ بيش ليگ (بي بي ايل) ۾ کيڏڻ جو موقعو ملندو. ٽوڊ گرينبرگ پي سي بي طرفان رانديگرن جي اين او سي روڪڻ تي پنهنجي بيان ۾ چيو ته هن پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ سان رانديگرن جي اين او سي روڪڻ واري فيصلي تي ڳالهايو آهي.هن چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن کان پي سي بي سان رابطي ۾ آهيون. اميد آهي ته اسان کو حل ڪڍي وٺنداسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جونيئر هاڪي ورلڊ ڪپ: پاڪستان جو پنهنجون ميچون ڀارت بدران نيوٽرل وينيو تي ڪرائڻ جو مطالبو

جونيئر ورلڊڪپ ۾ پاڪستاني ميچون ڀارت بدران ٻئي ملڪ ۾ ڪرائڻ گهرجي

سيڪيورٽي خدشن بابت فيڊريشن جو خط انٽرنيشنل هاڪي فيڊريشن کي موڪليو

لاهور (اسپورٽس نيوز) پاڪستان هاڪي فيڊريشن جونيئر هاڪي ورلڊڪپ ۾ پاڪستان جون ميچون ڀارت مان ٻئي ملڪ منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو پاڪستان هاڪي فيڊريشن انٽرنيشنل هاڪي فيڊريشن کي خط لکي ڀارت ۾ شيڊيول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12